روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو 14 جولاءِ 2023 ع بمطابق 25 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 48

پي ٽي آءِ دهشتگرد سوچ رکي ٿي: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي يقين رکي ٿي تہ چونڊون آئين جي دائري ۾ رهندي مقرر وقت تي ٿيڻ گهرجن

پيپلز پارٽي جي قيادت ملڪ جو ائٽمي پروگرام شروع ڪيو، ملڪ کي آئين ڏنو ۽ جانيون قربان ڪيون

سنڌ ۾ صحت ڪاتي پاران موذي مرضن جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي سڄي پاڪستان مان ماڻهو علاج لاءِ سنڌ اچن ٿا

هڪ گروپ صحت ڪارڊ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سنڌ ۾ هيلٿ ڪارڊ ڪانسواءِ علاج مفت ۾ ٿي رهيو آهي

سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ گلابي بسون هلايون ويون، سڄي ملڪ ۾ عورتن لاءِ گلابي بسون هلايون ويون

پي ٽي آءِ پاران دعويٰ ڪيل پنج ڪروڙ گهرن مان هڪ بہ گهر ناهي مليو: صوبائي وزير ناصر شاهہ سان گڏ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ موجوده حڪومت جمهوري عمل کي مڪمل ڪري رهي آهي، پيپلز پارٽي يقين رکي ٿي تہ چونڊون آئين جي دائري ۾ رهندي مقرر وقت تي ٿيڻ گهرجن. ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو. اسلام آباد ۾ صوبائي وزير ناصر شاهہ سان گڏ پريس ڪانفرنس سُڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم شهباز شريف اقتدار ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

اپريل 2022 ۾ عوام اسان کي حڪومت هلائڻ جي ذميواري ڏني هئي، هيءَ واحد گڏيل حڪومت آهي، جيڪا مختصر ترين مدي لاءِ قائم ٿي

اسان سياست نہ رياست جي حفاظت ڪئي، رياست بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست جي قرباني ڏني، گڏيل حڪومت هڪ مثال قائم ڪيو

معاشي استحڪام لاءِ آرمي چيف ۽ ناڻي واري وزير جون ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن، سفارتي سطح تي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري بہ سٺيون ڪوششون ڪيون

دوست ملڪن جي سهڪار ڪي بہ نٿا وساري سگهون، چين، سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن جا دلي طور ٿورا مڃون ٿا

اڳوڻا حڪمران معاهدو ناڪام بڻائڻ جي سازش ۾ مصروف هئا، پاڪستان جي ڏيوالي جو خطرو ۽ انهن جون ناپاڪ خواهشون خاڪ ۾ مليون: قوم کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ اپريل 2022 ۾ عوام اسان کي حڪومت هلائڻ جي ذميواري ڏني هئي، هيءَ واحد گڏيل حڪومت آهي، جيڪا مختصر ترين مدي لاءِ قائم ٿي. قوم سان پنهنجي خطاب ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ اسان سياست نہ رياست جي حفاظت ڪئي، رياست بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست جي قرباني ڏني، گڏيل حڪومت هڪ مثال قائم ڪيو. پاڪستان جي مفادن جي رستي ۾ رڪاوٽون سرنگهون صاف ڪيون، هن چيو تہ معاشي استحڪام لاءِ آرمي چيف ۽ ناڻي واري وزير جون ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن، سفارتي سطح تي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري بہ سٺيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قوم کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ استادن جو ٻئي ڏينهن بہ احتجاج، پوليس ڪڙڪي پئي، گرفتاريون

استادن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو، استاد ڪراچي پريس ڪلب تي احتجاج ڪري رهيا هئا جنهن دوران پوليس مٿن ڪڙڪي پئي

ريڊ زون ۾ وڃڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، روڊ زون ۾ احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

سيني استادن کي نوڪري ڏيڻ واري تاريخ کان پڪو ڪيو وڃي، سينئر پرائمري استادن کي 17 هون گريڊ ڏنو وڃي: استاد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ استادن جو ٻئي ڏينهن بہ احتجاج، پوليس استادن تي ڪڙڪي پئي. 10 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سيد ناصر شاهہ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

موسمياتي تبديلين جي هڪ ٻئي حيران ڪندڙ اثر جو انڪشاف

ڪراچي (م ڊ) موسمياتي تبديلين سان زمين تي گهڻو ڪجهہ تبديل ٿي رهيو آهي ۽ هاڻ ان جي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان جي سياسي معاملن ۾ مداخلت ناهيون ڪندا: آمريڪا

پاڪستان هن وقت ڪيترن ئي اقتصادي چيلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي

آءِ ايم ايف پاڪستان جو قرض منظور ڪيو ۽ ان ڪاميابي تي مبارڪون ڏيان ٿو

پاڪستان کي ان حوالي سان وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو، آمريڪا پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ وڏو ملڪ آهي

پشاور (م ڊ) پاڪستان ۾ مقرر آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم چيو آهي تہ پاڪستان جي سياسي معاملن ۾ مداخلت ناهيون ڪندا. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي آمريڪي سفير چيو آهي تہ پاڪستان هن وقت ڪيترن ئي اقتصادي چيلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي، آءِ ايم ايف پاڪستان جو قرض منظور ڪيو ۽ ان ڪاميابي تي مبارڪون ڏيان ٿو ڊونلڊ بلوم چيو تہ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير رانا ثناءُالله تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سولين جو ٽرائيل ۽ پريڪٽس پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواستون مقرر

چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 8 رڪني لارجر بينچ 21 جولاءِ تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي

جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر بينچ جو حصو هوندا، جسٽس مظهر نقوي ۽ جسٽس محمد علي مظهر بہ بينچ ۾ شامل هوندا

جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عائشہ ملڪ ۽ جسٽس شاهد وحيد بہ بينچ جو حصو هوندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف داخل درخواستون ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون آهن چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آءِ ايم ايف پاڪستان کي هڪ ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جي پهرين قسط ڏئي ڇڏي

آءِ ايم ايف قرض پروگرام جي هڪ ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جي پهرين قسط اسٽيٽ بئنڪ ۾ منتقل ڪري ڇڏي آهي: اسحاق ڊار

آءِ ايم ايف پروگرام تحت پاڪستان کي 3 ارب ڊالر ملڻا آهن، آءِ ايم ايف جو پروگرام 9 مهينن جو آهي

هلندڙ هفتي اسٽيٽ بئنڪ جي ذخيرن ۾ 4 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جي واڌ ٿي آهي

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف کان پاڪستان کي قرض پروگرام تحت هڪ ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جي پهرين قسط ملي وئي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو تہ آءِ ايم ايف قرض پروگرام جي هڪ ارب 20 ڪروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس ڪندي

ڊسٽرڪٽ جيل لاهور ۾ پائلٽ پراجيڪٽ طور قيدين لاءِ وڊيو ڪالنگ جي شروعات

پنجاب جي باقي جيلن ۾ بہ جلد قيدين کي وڊيو ڪالنگ جي سهولت فراهم ڪئي ويندي

100 ننڍي عمر جي قيدين کي هفتي ۾ بہ ڀيرا وڊيو ڪالنگ جي سهولت ملندي

لاهور (م ڊ) ڊسٽرڪٽ جيل لاهور ۾ پائلٽ پراجيڪٽ طور قيدين لاءِ وڊيو ڪالنگ جي شروعات ڪئي وئي، پنجاب جي باقي جيلن ۾ بہ جلد قيدين کي وڊيو ڪالنگ جي سهولت فراهم ڪئي ويندي. 100 ننڍي عمر جي قيدين کي هفتي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

چيئرمين نيپرا جيڪڏهن رڪارڊ نہ ڏيڻ چاهي تہ استعيفيٰ ڏئي: نور عالم خان

پاور ڊويزن 90 ارب رپيا وصول ڪيا آهن، 161 ارب رپيا باقي آهن، ان معاملي تي پاور ڊويزن ۽ آڊٽ کي ساراهيون ٿا

اوگرا، نيپرا ۽ فريڪوئنسي ايلوڪيشن بورڊ اسان کي رڪارڊ فراهم نہ ڪري رهيا آهن: آڊٽ عملدار

توهان آڊيٽر جنرل کي رڪارڊ ڏيڻ جا پابند آهيو، هر ڪنهن کي آڊٽ ڪرائڻو آهي: چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نور عالم خان مطالبو ڪيو آهي تہ چيئرمين نيپرا جيڪڏهن رڪارڊ نہ ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان اٽارني جنرل اٽور منصور عثمان ملاقات ڪندي

موسميات کاتي ڪراچي ۾ تيز برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ڪراچي ۾ تيز برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، موسميات کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سعودي عرب وڏي پابندي جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

پي آءِ اي کي 8.2 ملين ريال جي بقايا رقم ادا ڪرڻ لاءِ 15 جولاءِ تائين مهلت

پي آءِ اي جي ترجمان تصديق ڪئي تہ آر اي اي رهتن جي ياد ڏياري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) کي رياض ايئرپورٽ اٿارٽي (RAA) طرفان رهتو ادا نہ ڪرڻ تي حتمي وارننگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

دبئي مان شادي لاءِ آيل نوجوان جي قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي

دبئي مان شادي لاءِ آيل هاشم نالي نوجوان جي قتل ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل جا اهلڪار ملوث آهن: ڊي آءِ جي سي آءِ ڊي شرجيل ڪرل

پوليس اهلڪارن هاشم ۽ سندس دوست کي بيهڻ جو اشارو ڪيو، نہ بيهڻ تي اي ايس آءِ مختار فائرنگ ڪري ڏني

ملوث اهلڪارن کان جاچ جاري آهي، اهلڪارن کي هيل تائين باقاعدي گرفتار ناهي ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي منگهي پير روڊ تي پوليس جي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان جي قتل جي جاچ ۾ حقيقتون سامهون اچي رهيون، ڊي آءِ جي سي آءِ اي شرجيل ڪرل موجب دبئي مان شادي لاءِ آيل هاشم نالي نوجوان جي قتل ۾ اينٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايم ڪيو ايم سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر لاءِ نالو فائنل ڪري ورتو

اپوزيشن ليڊر مقرر ڪرڻ لاءِ درخواست جلد سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرائي ويندي: ايم ڪيو ايم پاڪستان

سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر مقرر ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان کي جي ڊي اي جي حمايت گهربل هوندي: ذريعا

جي ڊي اي جا سنڌ اسيمبلي ۾ 14 ميمبر آهن، ان ڪانسواءِ ٽي ايل پي جا 3 ۽ جماعت اسلامي جو هڪ ميمبر بہ اپوزيشن ۾ موجود آهي

ڪراچي (م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي رابطا ڪميٽي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر جو نالو فائنل ڪري ورتو، ايم ڪيو ايم جي رابطا ڪميٽي پارلياماني ليڊر رعنا انصار جو نالو سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر لاءِ فائنل ڪيو آهي. ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سپريم ڪورٽ ۾ ايندڙ هفتي ٻن اهم ڪيسن جي ٻڌڻي ٿيندي

سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي 18 جولاءِ تي ٿيندي

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 6 رڪني لارجر بئنچ ٻڌڻي ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ايندڙ هفتي ٻن اهم ڪيسن جي ٻڌڻي ٿيندي، سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن ۾ سويلينز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: پيپلز پارٽي شعبہ عورت جي صدر فريال ٽالپر سان پيپلز پارٽي ڪي پي ڪي جي وفد جو ٽڪتل گروپ فوٽو

سنڌ پريميئر ليگ ۽ حيدرآباد بهادرزوچ ۾ معاهدي جي تقريب منعقد

ايس پي ايل جو منعقد ٿيڻ ڪرڪيٽ کي هٿي ڏيندو: مرتضيٰ وهاب

سوئٽزرلينڊ جو سفير ڪراچي آيو هو، ان کي اسان ڪين پنهنجي ثقافت ڏيکاري

سنڌ جا نوجوان پنهنجي صلاحيتن جا جوهر ڏيکاري سگهندا: ميئر ڪراچي جو تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پريميئر ليگ ۽ حيدرآباد بهادرزوچ ۾ معاهدي جي تقريب سنڌ اسيمبلي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ميئر ڪراچي، ترجمان سنڌ حڪومت ۽ صلاحڪار بئرسٽر مرتضيٰ وهاب سميت قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ميئر ڪراچي، ترجمان سنڌ حڪومت ۽ صلاحڪار بئرسٽر مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي

استحڪام پاڪستان پارٽي اليڪشن لاءِ پنهنجي نشان جي چونڊ ڪري ورتي

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي اليڪشن لاءِ پنهنجي نشان جي چونڊ ڪري ورتي، استحڪام پاڪستان پارٽي طرفان چونڊن لاءِ ميدان ۾ لهڻ جون تياريون جاري آهن، ان ئي سلسلي ۾ پارٽي طرفان چونڊ نشان جو فيصلو بہ ڪيو ويو آهي، پارٽي ذريعن موجب استحڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سئي ۾ آپريشن دوران دهشتگردن جي فائرنگ ۾ 3 جوان شهيد، 2 دهشتگرد مارجي ويا

سئي واري علائقي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن جي مشن تي نڪتل سڪيورٽي فورسز مٿان دهشتگردن حملو ڪري ڏنو

فائرنگ ۾ 3 جوان شهيد ٿي ويا، سڄي جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز جو باقي دهشتگردن کي پڪڙڻ لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري

ڊيرا بگٽي (م ڊ) ڊيرا بگٽي جي علائقي سئي ۾ آپريشن دوران دهشتگردن جي فائرنگ ۾ 3 جوان شهيد، جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا آءِ ايس پي آر موجب سئي واري علائقي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن جي مشن تي نڪتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: مسلم ليگ ن جو اڳواڻ حمزه شهباز صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي

آمريڪا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي واشنگٽن ڊي سي ۾ موجود تاريخي ۽ قيمتي عمارت وڪرو ٿي وئي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي واشنگٽن ڊي سي ۾ موجود تاريخي ۽ قيمتي عمارت وڪرو ٿي وئي، عمارت ٺئين ايمبيسي لهڻ کان پوءِ 2003ع کان خالي هئي ۽ ان کي 71 لک ڊالرن يعني تقريبن 20 ارب رپين ۾ پاڪستاني آمريڪي ڪاروباري شخصيت حفيظ خان خريد ڪيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آءِ ايم ايف جي قسط ملڻ ڪانپوءِ ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

ڪاروبار جي شروعات تي ڊالر 3 رپيا 48 پئسا گهٽ ٿي 274 رپين جو ٿي ويو

لاهن چاڙهڻ ڪانپوءِ ڊالر 275 رپين 50 پئسن تي بند ٿيو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي اڳهہ ۾ لاٿ جو سلسلو اڄ بہ جاري رهيو، اڄ انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي شروعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

محرم الحرام وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو: ڪمشنر ڪراچي

پوليس رينجرز ۽ شهري ادارن محرم الحرام جي موقعي تي سيڪيورٽي ۽ شهري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هنگامي منصوبا تيار ڪري ورتا آهن

محرم الحرام انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو ان موقعي تي فرقيوارائي هم آهنگي ۽ مذهبي رواداري قائم ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ چيو آهي تہ پوليس رينجرز ۽ شهري ادارن محرم الحرام جي موقعي تي سيڪيورٽي ۽ شهري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هنگامي منصوبا تيار ڪري ورتا آهن محرم الحرام انتهائي عقيدت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اردگان سويڊن جي نيٽو ميمبرشپ جو فيصلو پارليامينٽ تي ڇڏي ڏنو

سويڊن جي نيٽو ۾ ميمبرشپ ترڪ پارليامينٽ حوالي آهي: طيب اردگان

اسان جي پارليامينٽ ملڪ جي مفادن موجب درست فيصلو ڪندي

ترڪيءَ جو صدر رجب طيب اردگان

انقره (م ڊ) ترڪيءَ جي صدر رجب طيب اردگان سويڊن جي نيٽو ميمبرشپ جي فيصلي جو اختيار پارليامينٽ تي ڇڏي ڏنو پرڏيهي ميڊيا موجب صدر اردگان چيو آهي تہ سويڊن جي نيٽو ۾ ميمبرشپ ترڪ پارليامينٽ حوالي آهي سويڊن الحاق جو پروٽوڪول منظور ڪرڻ جو اختيار ترڪ پارليامينٽ آهي اسان جي پارليامينٽ ملڪ جي مفادن موجب درست فيصلو ڪندي. روس يوڪرين تڪرار کان پوءِ فن لينڊ ۽ سويڊن نيٽو ميمبرشپ لاءِ درخواست ڏني هئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪي پي قيادت جي ملاقات، ايندڙ وزيراعظم بلاول هوندو: فريال ٽالپر

خيبرپختونخواهہ جي صوبائي قيادت پيپلز پارٽي عورت شعبي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي

ملڪ جي ٻين صوبن وانگر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خيبرپختونخواهہ جي عوام جي اميدن جو محور آهي: پ پ عورت شعبي جي مرڪزي صدر

اڄ هر ڪو اهو سمجهي رهيو آهي تہ ملڪ کي درپيش چيلينجز صدر آصف علي زرداري جي ويزن سان ئي منهن ڏئي سگهجن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) خيبرپختونخواهہ جي صوبائي قيادت پيپلز پارٽي عورت شعبي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي. فريال ٽالپر سان زرداري هائوس ۾ قائم مقام صدر محمد علي شاهہ باجا، جنرل سيڪريٽري شجاع خان، پيپلز پارٽي عورت شعبي جي صوبائي صدر سينيٽر روبينا خالد ملاقات ڪئي. فريال ٽالپر سان ملاقات ڪندڙ وفد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميئر ۽ ڪمشنر جي راڄ ۾ ڪير مهانگو پيو ملي: حافظ نعيم الرحمان

مرتضيٰ وهاب ۽ ڪمشنر ڪراچي جي دور ۾ ڪير 230 رپيا في ليٽر وڪرو ٿي رهيو آهي

200 غير قانوني هائيڊرنٽس هلي رهيا آهن، پيپلز پارٽي سڌي ريٽ واٽر بورڊ ۾ مداخلت ڪري ٿي

پاڻي جي نظام ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي، ڪي اليڪٽرڪ خلاف ڪا بہ حڪومت ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ مرتضيٰ وهاب ۽ ڪمشنر ڪراچي جي دور ۾ ڪير 230 رپيا في ليٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان

پاڪستان سيما تائين قونصلر پهچ گهري آهي: پرڏيهي ترجمان

پارٽ کان سيما جي خيريت ڄاڻڻ جي درخواست ڪئي آهي: ممتاز زهرا بلوچ

سيما جي اتي موجودگي تي پارٽ جي جواب جو انتظار آهي

اسلام آباد (م ڊ) پب جي تي پارٽي چوڪري سان دوستي ڪانپوءِ ڇٽن ٻارن سان گڏ پارٽ ويندڙ سيما جي معاملي تي پرڏيهي ڪاتي جو بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٻاڳوڙو نہ آهيان، برطانيا ۾ آهيان سڀ جواب ڏيندس: شهزاد اڪبر

وڊيو لنڪ تي بيان وٺي ڇڏي تيار آهيان نيب اڃا تائين وارنٽ جاري نہ ڪيا آهن

نوازشريف سٺو ماڻهو آهي جمي بيٺو آهي پنهنجي ڀاءُ شهبازشريف کان بهتر آهي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ دور جي گهرو صلاحڪار ۽ احتساب شهزاد اڪبر چيو آهي تہ ٻاڳوڙو نہ آهيان برطانيا ۾ آهيان سڀ جواب ڏيندس نيب جا نوٽيس مليا جواب ڏئي ڇڏيا آهن نيب ڪيس گهرائي شهباز گل وارو ورتاءُ ڪرڻ گهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عون چوڌري وزيراعظم جي خاص مددگار جو عهدو ڇڏي ڏنو

عون چوڌري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت سبب استعيفيٰ ڏني آهي: ذريعا

استحڪام پاڪستان پارٽي پنهنجي ميمبرن کي حڪومتي عهدا ڇڏڻ جو چيو آهي

اسلام آباد (م د) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ عون چوڌري وزيراعظم جي خاص مددگار جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تيل جي ڀريل ٽينڪر کي باهہ، 3 ڄڻا فوت

ٽينڪر اوچتو ڪلٽي ٿي ويو، ٽينڪر ڊرائيور سميت ٽينڪر ۾ ويٺل مددگار موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

باهہ لڳڻ سبب ٽينڪي سڙي رک ٿي وئي آئل ٽينڪر ڪلٽي ٿيڻ سبب پوليس روڊ جو هڪ حصو ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو

آئل ٽينڪر حيسڪول پيٽروليم ڪمپني جو هو، جنهن جو نمبر ٽي ايل يو 989 آهي

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽو ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي گجو شهر لڳ آئل سان ڀري آئل ٽينڪر اٿلڻ سبب آئل ٽينڪر باهہ لڳي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ ٽينڪر اوچتو ڪلٽي ٿي ويو، ٽينڪر ڊرائيور سميت ٽينڪر ۾ ويٺل مددگار موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. جڏهن تہ باهہ لڳڻ سبب ٽينڪي سڙي رک ٿي وئي آئل ٽينڪر ڪلٽي ٿيڻ سبب پوليس روڊ جو هڪ حصو ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٺٽو: نيشنل هاءِ وي تي گجو شهر لڳ آئل سان ڀريل آئل ٽينڪر اٿلڻ سبب آئل ٽينڪر باهہ لڳل آهي

ڪو بہ پليٽ فارم ٽوئيٽر جي جاءِ نٿو والاري سگهي: طالبان

ڪابل (م ڊ) ميٽا طرفان ايلون مسڪ جي ٽوئيٽر کي ٽڪر ڏيڻ لاءِ ٿريڊز ايپ متعارف ڪرائي وئي آهي جنهن جا واهپيدارن ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي ڪروڙين ٿي ويا آهن. انهيءَ دوران طالبان اڳواڻ انس حقاني بہ پنهنجو ووٽ ٽوئيٽر کي ڏنو آهي. تازو ئي انس حقاني طرفان ٽوئيٽر جي حمايت ۾ پيغام جاري ڪيو ويو جنهن ۾ لکيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

شيرين مزاري جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست، ڌرين کي رپورٽ جمع ڪرائڻ جي هدايت

عدالت گهرو وزارت ۽ ايف آئي اي کي لاڳاپيل آفيسر مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، شيرين مزاري پنهنجي وڪيل احسن جمال پيرزادو ۽ ايمان مزاري سان عدالت ۾ پيش ٿي

عدالت شيرين مزاري جي وڪيل کان سوال ڪيو تہ اي سي ايل ۾ اوهان جو نالو آهي تہ ڪاپي ڪٿي آهي اي سي ايل ۾ نالو وجهڻ جي ڪاپي ڪا پي نہ آهي: وڪيل

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ٽن ڏينهن ۾ رپورٽ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي اربع تي شيرين مزاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

تيسر ٽائون ۾ علائقي واسين موجود شراب جو گٽو ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو

ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ ۽ بالا آفيسرن کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڏئي چڪا سين پر شنوائي نہ پئي ٿئي

ڪجهہ ڏينهن اڳ علائقي واسين ڪاروڙ ۾ اچي شراب جي گٽي کي ڊاهي ڇڏيو: درخواست گذار جو موقف

ڪراچي (رپورٽر) تيسر ٽائون ۾ علائقي واسين آبادي جي وچ ۾ موجود شراب جو گٽو ڪيرائي ڇڏيو تيسر ٽائون جي رهواسين جو عمل ڏوهہ بڻجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي ۾ پ ٽ الف جي استادن تي پوليس تشدد خلاف ٽنڊوباگو ۾ احتجاجي مظاهرو

پوليس ۽ رينجرس جي اهلڪارن پاران استادن تي لاٺي چارج ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

نور محمد سومرو، عورت اڳواڻ انيتا خان سميت 80 کان وڌيڪ استادن کي گرفتار ڪرڻ جي مذمت

سنڌين جي حڪومت هوندي استاد جائز مطالبن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي لٺيون کائي رهيا آهن: مظاهرين

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) ڪراچي ۾ ب ٽ الف جي استادن پاران پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪڍيل پرامن احتجاجي لانگ مارچ واري ريلي تي ڪراچي پوليس ۽ رينجرس جي اهلڪارن پاران استادن تي لاٺي چارج ڪري سخت تشدد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊوباگو: پ ٽ الف پاران ڪراچي ۾ استادن تي تشدد واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ماڪا برادري جي معزز شخصيت
ارشاد علي ماڪو رضا الاهي سان
وفات ڪري ويو

سکر (رپورٽ ديدار انڙ) ماڪا برادري جي معزز شخصيت ارشاد علي ماڪو رضا الاهي سان وفات ڪري ويو مرحوم جي تعزيت جو سلسلو ڳوٺ لاڙي ماڪا ۾ جاري تعزيت ڪندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻ ديدار علي جتوئي سردار مير الاهي بخش خان پٽي ۽ ڊي ايس پي جبار مهر آغا هارون پٺاڻ ميجر الله وسايو چيف واپڊا عبدالغفار ماڪو ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ منظور علي سومرو پاران نئين ٺهندڙ روڊ جو جائزو

صوبائي محتسب معائني دوران ڳوٺاڻن کان روڊ ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل بابت پڻ تفصيل ورتا

ڳوٺاڻن روڊ ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل تي اطمنان جو اظهار ڪيو، عوامي ڪم بهتر ڪيا وڃن: هدايتون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين منظور علي سومرو ڪوراهو کان ميرپوربٺورو نئين ٺهندڙ روڊ جو جائزو ورتو ان موقعي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هائي وي شوڪت راڄپر، اسسٽنٽ انجنيئر شوڪت ڪلوڙ، اسسٽنٽ محتسب اعليٰ عبدالستار ميمڻ ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ هئا ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين منظور علي سومرو روڊ جي معائني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي الآصف اسڪوائر مين سپرهاءِ وي تي هٿيار بندن پاران فروٽ وڪرو ڪندڙن تي حملو، 2 زخمي

الآصف اسڪوائر مين سپرهاءِ وي پوليس اسٽيشن سچل ٿاڻي جي حد ۾ هٿيار بندن پورهيتن تي حملو ڪيو

ٻن سنڌي نوجوانن تي غير قانوني رهندڙ ايراني پناهه گير چاقن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

اسان مٿان اهڙا حملا پهرين به ڪيا ويا آهن پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود به ڪو عمل نه ٿو ٿئي: متاثرين جون دانهون

ڪراچي (باغي ساگر پهنوار) الآصف اسڪوائر مين سپرهاءِ وي تي غير قانوني رهندڙ غير ملڪي ايرانين جو سنڌي فروٽ وڪرو ڪندڙن تي حملو ٻا ڇا زخمي اسپتال داخل زخمين ۾ منير احمد ڏيهو ۽ نويد احمد ڏيهو شامل آهن زخمين جو تعلق پنوعاقل جي ڳوٺ پراڻي ٻڏ ڏيها برادري سان آهي خبر موجب گذريل رات دير سان الآصف اسڪوائر مين سپر هاءِ وي پوليس اسٽيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: غيرقانوني رهندڙ ايرانين جي تشدد جو شڪار ٿيل پورهيت احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ بروهي
برادري ٻن گروپن ۾ جهيڙي جو
فيصلو حيدرآباد ۾ ٿي گذريو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ڪجهه ڏينهن پهريان ڪٺڙ سردار خان بروهي جي رهواسين بروهي برادري ٻن گروپن ۾ جهيڙي جو فيصلو ڊويزن حيدرآباد سنڌ بروهي جي سربراهي ۾ فيصلو ٿي گذريو ٻنهي ڌرين جي ڳالهيون ٻڌي فتوا بعد ٻنهي ڌرين جو ناهه ڪيو ويو ٻنهي ڌرين فيصلو قبول ڪري هڪ ٻئي سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

محرم الحرام جي موقعي تي امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڊي سي ون بدين پاران اجلاس

ايڊيشنل ڪمشنر ون مجيب الرحمان جمالي جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو، عملدارن شرڪت ڪئي

مذهبي هم آهنگي کي يقيني بڻائي مجلسن جلوسن جي وقت ۽ روٽ جي پابندي ڪئي وڃي: عملدار

مجلسن جي منتظمين کي هدايت ڪئي ته هو ٻاهران ايندڙ علمائن ذاڪرين جا نالا اڳواٽ انتظاميا کي ڏين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) محرم الحرام جي موقعي تي امن امان برقرار رکڻ لاءِ ايڊيشنل ڪمشنر ون مجيب الرحمان جمالي جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل اصغر علي هاليپوٽو ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو اي ايس پي ماجدا پروين هاليپوٽو سميت لاڳاپيل آفيسرن ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي ايڊيشنل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪمشنر سکر جي صدارت هيٺ محرم الحرام جي انتظام، امن امان ۽ ٻين اهم معاملن تي گڏجاڻي

محرم الحرام جي انتظام، امن امان ۽ ٻين اهم معاملن تي ڊويزنل سطح جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري

ڪانٽي جنسي پلان مطابق روزاني جي بنياد تي رپورٽ فراهم ڪئي وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: ڪمشنر

ضلعن جا سمورا عملدار جاري ايس او پيز تي سختي سان عمل درآمد ڪرائڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفيٰ ڦل جي صدارت هيٺ ڪمشنر آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ محرم الحرام جي انتظام، امن امان ۽ ٻين اهم معاملن تي ڊويزنل سطح جي اهم گڏجاڻي ٿي گذري، اجلاس ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: ڊويزنل ڪمشنر غلام مصطفيٰ ڦل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو پوسٽ آفيس
جي پوسٽ ماسٽر پاران
بداخلاقي خلاف احتجاج

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) ٽنڊوباگو پوسٽ آفيس جي پوسٽ ماسٽر علي رضا آرائين پاران ٽنڊوباگو جي شهرين بجلي ۽ گئس جي صارفين سان بدتميزي ڪرڻ ۽ غير اخلاقي ٻولي ڳالهائڻ تي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان شهرين جي وڏي انگ مظفر حسين حيدري، ذوالفقار رند، غلام علي خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بلوچستان جي علائقي سئي ۾ شهيد ٿي ويل اهلڪار جو مڙهه سلطانپور آندو ويو، اعزاز سان تدفين

عبدالغفور انڊڙ جو مڙهه اباڻي ڳوٺ سعيد علي انڊهڙ ۾ آندو ويو جتي شهيد جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

نوجوان جو مڙهه فوجي اعزاز سان اباڻي قبرستان پيرڳوشيربادشاهه ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

وطن جي حفاظت خاطر جان جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيد عبدالغفور جي شهادت تي فخر آهي: شمن علي انڊڙ جون ڳالهيون

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) بلوچستان جي علائقي سئي ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويل ڳوٺ سعيد علي انڊڙ واسي ايف سي جوان عبدالغفور انڊڙ جو مڙهه ايمبوليسنس ذريعي سنڌس اباڻي ڳوٺ سعيد علي انڊهڙ آندو ويو جتي شهيد تدفين جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ پنوعاقل ڇانوڻي جي فوجي آفيسرن، ايف سي جوانن سميت علائقي واسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي گجو شهر لڳ آئل سان ڀريل ٽينڪر کي باهه لڳي وئي، 2 فوت

گجو شهر لڳ آئل سان ڀريل آئل ٽينڪر اٿلڻ سبب آئل ٽينڪر باهه لڳي وئي، علائقي واسي پهتا

حادثي ۾ ٽينڪر ڊرائيور سميت ٽينڪر ۾ ويٺل مددگار موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، علائقي کي ڪٽرو

ٽينڪر ڪراچي کان سجاول وڃي رهيو هو ٽينڪر 8000 ليٽر ڊيزل ۽ 16000 ليٽر پيٽرول سان ڀريل هيو

ٺٽو (رپورٽ: ڊاڪٽر جواد علي) ٺٽو ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي گجو شهر لڳ آئل سان ڀريل آئل ٽينڪر اٿلڻ سبب آئل ٽينڪر باهه لڳي وئي، ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽينڪر اوچتو ڪلٽني تي ويو، ٽينڪر ڊرائيور سميت ٽينڪر ۾ ويٺل مددگار موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته باهه لڳڻ سبب ٽينڪي سڙي رک ٿي ويو آئل ٽينڪر ڪلٽني ٿيڻ سبب پوليس روڊ جو هڪ حصو ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: گجو شهر ۾ آئل ٽينڪر کي لڳل باهه بعد شعلا اٿي رهيا آهن

نوشهرو فيروز پرسان هائير
سيڪنڊري اسڪول نوان
جتوئي جي استاد کان ڦرلٽ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) هائير سيڪنڊري اسڪول نوان جتوئي جو استاد سڪندر علي مشوري نوان جتوئي کان پنهنجي ڳوٺ گل محمد مشوري وڃي رهيو هو ته نوڙها پوليس چوڪي کان موٽر سائيڪل سوار ڦورن پاران سندس کان ڦرڪرڻ لاءِ پيڇو ڪيس فريد ديرو ٿاڻي جي حد تائين ڦورو سندس جو پيڇو ڪندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪيٽي بندر جي شهر سجڻ واري ۾ ڳوٺ جي پير ۾ قائم جاڙو ملاح جي هوٽل تي جهيڙو، 6 زخمي

هوٽل تي پيروزاڻي برادري جي هٿياربندن ماٿهن هلان ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، علائقي ۾ ڀاڄ

هٿياربند ڪهاڙيون هٽي ملاح برادري جي 6 ڄڻن کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، زخمين کي اسپتال نيو ويو

زخمين ۾ جاڙو ملاح، نظير ملاح، يار محمد ملاح، جمن ملاح، پٺو ملاح، اشرف ملاح ۽ ٻيا شامل، ڪيس داخل نه ٿيو

ٺٽو (ٻر) ڪيٽي بندر جي شهر سجڻ واري ۾ ڳوٺ جي پير ۾ قائم جاڙو ملاح جي هوٽل تي پيروزاڻي برادري جي هٿياربندن ماٿهن هلان ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، ريپيٽر ۽ بندوق جا فائر ڪرڻ سميت ڪهاڙيون هٽي ملاح برادري جي 6 ڄڻن کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، زخمين ۾ جاڙو ملاح، نظير ملاح، يار محمد ملاح، جمن ملاح، پٺو ملاح، اشرف ملاح ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺڪرانو واسي نوجوان ٽريڪٽر ٽانڪي جي شافٽ ۾ ڪپڙو وچڙڻ سبب فوت

35 ورهين جو نوجوان محمد چٽل ولد محمد بخش مهر ڪپڙو وچڙڻ سبب فوت ٿي ويو

مڙهه اباڻي ڳوٺ آندو ته گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي نوجوان کي ٻن ٻارن جو اولاد هيو

ٺڪرانو (ن سنڌيار) ٺڪرانو واسي نوجوان ڏهرڪي ۾ ٽريڪٽر ٽانڪي جي شافٽ ۾ ڪپڙو وچڙڻ سبب فوت گهر ۾ ڪهرام خير موجب ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ نبي بخش مهر جو رهواسي 35 ورهين جو نوجوان محمد چٽل ولد محمد بخش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سي آئي اي پوليس دادو جو شهر جي نجر ڪالوني ۾ ڇاپو، منشيات فروش گرفتار

پوليس انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي جي اڳواڻي پوليس نجر ڪالوني ۾ ڇاپو هنيو

سوپاريون زيد 21 وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ ٻن پائرن مهتاب ۽ الطاف پٽ ساجن پنڊ گرفتار ڪيا ويا

دادو (ن سنڌيار) سي آئي اي پوليس دادو جو شهر جي نجر ڪالوني ۾ ڇاپو مبينا طور منشيات وڪرو ڪندڙ ٻه ڄڻا گرفتار، ٻن ڄڻن جي فرار ٿي وڃڻ جي دعوي، تفصيل موجب دادو جي سي آئي اي پوليس انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي جي اڳواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: سي آءِ پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل منشيات، ٻئي طرف بينظير جمالي پريس ڪانفرنس ڪندي

نوشهروفيروز جي ڊي سي هارين کي ڪڻڪ جو گهٽ اگهه ملڻ جو نوٽيس ورتو

اي سيز ۽ آفيسرن کي ڪڻڪ جي مقرر اگهه تي خريداري کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون

فيڪٽري مالڪ 8500 رپيا في مڻ خريد ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي سي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جو هارين کي ڪڻڪ جو گهٽ اگهه ملڻ جو نوٽيس، زراعت کاتي جي سمورن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مورو پرسان سيٺار برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ جهيڙي کي ررڪرائڻ لاءِ قافلو پهتو

حاجي احمد عالماڻي پاڪ ڪتاب نياڻيون ۽ سيد ساڻ ڪري سيٺار برادري وٽ پهچي ويو

وڪيل گلزار عالماڻي، عزيز احمد سنگراسي، استاد محمد ياسين عالماڻي، طالب حسين شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو پرسان سيٺار برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ خوني جهيڙي کي ررڪرائڻ لاءِ علائقي جي معزز شخصيت سيٺ حاجي احمد عالماڻي پاران پاڪ ڪتاب نياڻيون ۽ سيد ساڻ ڪري سيٺار برادري جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون گلشن ضياءُ جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

باٿرن گهر ۾ گهڙي ٻارن مٿان تشدد ڪري گهر مٿان قبضو ڪيو آهي: وقار احمد

حد جي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ ۽ گهر خالي ڪرائي ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون گلشن ضياءُ جي رهواسي متاثر وقار احمد ميڊيا آڏو ڌاهوندي چيو آهي ته باٿرن رات جي اوندهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: اورنگي واسي باٿر قبضا مافيا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ عباسي برادري جي عهديدارن جي گڏجاڻي، اهم معاملن تي ڳالهيون

خالد حسين ڪلهوڙو، شاهه محمد ڪلهوڙو، اسرار احمد ڪلهوڙو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

محمد ياسين عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ضلع نوشهروفيروز، خالد حسين ڪلهوڙو جوائنٽ سيڪريٽري شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) تعلقه نوشهروفيروز ۽ ضلع نوشهروفيروز جي اهم گڏجاڻي جنهن جي اڳواڻي خالد حسين ڪلهوڙو، شاهه محمد ڪلهوڙو، اسرار احمد ڪلهوڙو جي . سردار شاهنواز خان عباسي ڪلهوڙو صدر انجمن اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مانجهند ۾ گهوٽڪي جي ٻارڙن جي قتل خلاف ڏار ڏار احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا

جيئمست فورم ۽ سول سوسائٽي طرفان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

ڪارڪنن پاران شاهي بازار مان احتجاجي مظاهرو ڪندي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ گهوٽڪي جي معصوم ٻارڙن جي قتل خلاف ڏار ڏار احتجاجي مظاهرا ڌرڻا قاتل گرفتار ڪرڻ جا مطالبا تفصيل موجب مانجهند ۾ جيئمست فورم ۽ سول سوسائٽي طرفان گهوٽڪي جي معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مانجهند: مختلف تنظيمن پاران گهوٽڪي واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپور خاص جو پريمي جوڙو پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ تحفظ لاءِ پهچي ويو

هندو مذهب ڇڏي خيرپور ۾ دارالعلوم مدرسي ۾ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي آهيان: ناري سلما

سڪندر علي رند ويٺل نصير آباد بلوچستان سان خيرپور جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) ميرپور خاص جو پريمي جوڙو پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ تحفظ لاءِ صحافين وٽ پهچي ويو. ان سلسلي ۾ نوجوان ناري سلما ٻڌايو ته مان پنهنجو هندو ڪولهي مذهب ڇڏي خيرپور ۾ دارالعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو ميونسپل ڪاميٽي جي نئين چونڊيل اميدوارن صفائي لاءِ ڪوهوٽو نه ٻاريو

ميونسپل ڪاميٽي جو وارڊ نمبر 10 پاڪستان پيپلزپارٽي جو ڳڙهه سمجهيو وڃي ٿو

بلدياتي اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو اميدوار حبيب الرحمان ڪوريجو ڪامياب ٿيو

دادو (ن سنڌيار) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي نئين چونڊيل اميدوارن به شهر جي صفائي لاءِ ڪوهوٽو نه ٻاريو ميونسپل ڪاميٽي جو وارڊ نمبر 10 جيڪو پاڪستان پيپلزپارٽي جو ڳڙهه سمجهيو وڃي ٿو جيڪو مڪمل گندگي جي ور چڙهيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان پاران نئون ڪوٽ ۾ تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ارشد علي چانديو ۽ ڳوٺ جان محمد خاصخيلي جي رهواسڻ بشيران خاصخيلي احتجاج ڪيو

مون کي ڪنهن به اغوا نه ڪيو آئون پنهنجي رضا خوشي سان ارشد علي سان شادي ڪئي آهي: ناري

نئون ڪوٽ (رپورٽر) بدين ضلعي جي ڳوٺ محمد خان چانديو جي رهواسي نوجوان ارشد علي چانديو ۽ ڳوٺ جان محمد خاصخيلي جي رهواسڻ نوجوان ناري بشيران خاصخيلي ميرپورخاص جي عدالت ۾ ٻه مهينا اڳ پيار جو پرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ڪوٽ: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٽنڊو باگو جي لنڪ سم نالو 16 اي ايل جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

هزارين ايڪڙن تي مشتمل زرعي زمينن ۾ بيٺل فصلن ۽ سوين ڳوٺن جي لاءِ خطرو بنيل

اي ايل جي ڪاٽي صرف ٽنڊو باگو جهڏو روڊ تائين ساڀه اڌوري ڪري خانه پوري ڪئي وئي

حاجي صيفل چانديو يوسف ڪلوئي ڳوٺ ڪوٽ ملاح سميت سوين ڳوٺن جي ٻڏڻ جو خطرو آهي

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) تعلقي ٽنڊو باگو جي لنڪ سم نالو 16 اي ايل جي گذريل 25 سالن کان پوءِ ڪاٽي منظور ٿيڻ باوجود تعلقي ٽنڊي باگي جي لنڪ سم نالي 16 اي ايل جي صحيح ڪاٽي نه ٿيڻ سبب تعلقي ٽنڊي باگي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو باگو: سم نالو ڪاٽي نه ٿيڻ سبب ساوڪ نظر اچي رهي آهي

اسان جي پهرين ترجيح
عوام جا مسئلا حل ڪرڻ
آهي: ڊاڪٽر ارشد مغل

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ سکر جي ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل چيو آهي ته اسان جي پهرين ترجيح عوام جا مسئلا حل ڪرڻ آهي. عوام کي بلدياتي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات خدمت ڪري رهيا آهيون. ملڪ هن وقت بحرانن جو شڪار آهي. بلاول ڀٽو زرداري ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين جي ٽن سب ڊويزنن ماتلي، شادي ۽ ڪڍڻ ۾ پاڻي جي کوٽ آهي: عزيز الله ڏيرو

زرعي ۽ پيئڻ جو پاڻي هٽرادو بند ڪري بدين کي معاشي طور تباهي ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي

ٽيل جي ٻه لک زرعي زمين ۽ اتي رهندڙ لکين ماڻهن ۽ جانورن لاءِ پيئڻ جو پاڻي نه آهي: بشير نوتڪاڻي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي ٽن سب ڊويزنن ماتلي، شادي ۽ ڪڍڻ جي ٻن لکن ايڪڙن کان وڌيڪ زمينن جو زرعي ۽ پيئڻ جو پاڻي هٽرادو بند ڪري بدين کي معاشي طور تباهي ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي اها ڳالهه گذريل ڏينهن بدين جي مٿين ٽنهي سب ڊويزنن سان لاڳاپيل ٽيل جي آبادگارن اڳواڻ ضلعي نائب ناظر عزيز الله ڏيرو ضلع ڪائونسل بدين جي ميمبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نئون ڪوٽ شهر مان امن جو پڪي اڏامي ويو، موٽر سائيڪل نامعلوم چور چورائي ويا

نامعلوم چور ابرار قائمخاني جو گهر اڳيان بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري ويا

شهرين نئون ڪوٽ جي مين بس اسٽاپ تي ٿاڻن کي ٻاهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

پوليس مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي هر روز چورين ڦرڻ ۽ ٻين ڏوهي وارداتن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي: شهري

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ شهر مان امن جو پڪي اڏامي ويو موٽر سائيڪل چوري سميت ڏوهي وارداتن ۾ اضافو پوليس تماشو ڏسڻ ۾ پوري نئون ڪوٽ جي قائمخاني پاڙي مان نامعلوم چور ابرار قائمخاني جو گهر اڳيان بيٺل موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري ويا آهن موٽر سائيڪل چوري خلاف شهرين نئون ڪوٽ جي مين بس اسٽاپ تي ٿاڻن کي ٻاهيون ڏئي احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ڪوٽ: وڌندڙ بدامني خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ پرائمري استادن جي
پرامن احتجاج تي پوليس
پاران تشدد خلاف احتجاج

نئون ڪوٽ (ن ب ا) ڪراچي ۾ پرائمري استادن جي پرامن احتجاج تي پوليس پاران تشدد ڪري استادن کي گرفتار ڪرڻ خلاف نئون ڪوٽ ۾ پ ٽ الف اڳواڻ اياز رضوي، مصطفيٰ خاصخيلي، رحمان نهڙي، حفيظ نهڙيو وفا محمود ۽ ٻين پاران نئونڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو استاد اڳواڻن چيو ته ڪراچي ۾ پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

غفلت ۽ احتياطي اپاءَ نه وٺڻ سبب 2 لک 30 هزار کان وڌيڪ ايڊز جا مريض آهن: ڊاڪٽر محمد نعيم

بيماري بابت اڪثريت جي اسڪريننگ نه ٿي آهي جيڪڏهن اسڪريننگ نه ڪئي وئي ته اهو انگ وڌي سگهي ٿو

هن وقت سڀ کان وڌيڪ ڪيس نيپال، پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ٿي رهيا آهن، اسڪريننگ لاءِ الڳ ڪائونٽر قائم ڪيا آهن

اڳ ۾ ٽي بي ۽ هيپاٽائيٽس جو مرض مشڪل هو پر هاڻي ماڻهو پنهنجو ٽيسٽ پاڻ ڪرائڻ ٿا: ايڊيشنل ڊائريڪٽر جو خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊائريڪٽر سي ڊي سي ايڇ آءِ وي ڊاڪٽر محمد نعيم خان چيو آهي ته غفلت ۽ احتياطي اپاءَ نه وٺڻ سبب پاڪستان ۾ هن وقت 2 لک 30 هزار کان وڌيڪ ايڊز جا مريض آهن. جن مان اڪثريت جي اسڪريننگ نه ٿي آهي. جيڪڏهن اسڪريننگ نه ڪئي وئي ته اهو انگ وڌي سگهي ٿو مڪمل دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪيس نيپال، پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ ايس ايس پي ڪيپٽن (ر) صدام حسين چارج سنڀالي ورتو، پوليس آفيسرن سان ملاقات

ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز آمد تي ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر عبدالحفيظ عباسي ۽ ٻين شاندار آجيان ڪئي

ڪيپٽن (ر) صدام حسين ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز جي سمورن انچارج برانچن سان تعريفي گڏجاڻي ڪئي

امن امان جي بحالي، عوام جي جان و مال جو تحفظ ۽ متاثرن کي انصاف فراهم اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: ايس ايس پي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي ڪيپٽن (رٽائرڊ) صدام حسين نوشهروفيروز ضلعي جي ايس ايس پي طور چارج سنڀالي ورتي، اڄ نوشهروفيروز ضلعي جي نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي صدام حسين جي ايس ايس پي آفيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: نئين آيل ايس ايس پي صدام حسين جو استقبال ڪيو پيو وڃي

سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون
ڪوٽ جي دستوري گڏجاڻي،
عهديدارن پاران تخليقون پيش

نئون ڪوٽ (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ نئون ڪوٽ جي دستوري گڏجاڻي نوجوان شاعر مصطفيٰ خاصخيلي جي صدارت هيٺ نئونڪوٽ پريس ڪلب ۾ ٿي گذري جنهن ۾ حفيظ سنڌي، اياز رضوي، پيار علي نهڙيو، وفا محمود، فضل رحمان ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون تڪور تخليقون پيش ڪيون گڏجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺڪرانو ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڀرتين لاءِ گريجوئيشن جي ٽيسٽ جو شرط رکڻ خلاف احتجاج

ٺڪرانو ۾ سپوا يوٿ ونگ جي چيئرمين امداد حسين منگي احتجاجي مظاهرو ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

شرط ختم ڪري 2012ع کان آسري ۾ ويٺل بيروزگار هزارين اسٽاڪ اسسٽنٽ نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي: نوجوان

اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڀرتي لاءِ گريجوئيشن جو شرط ختم ڪري مئٽرڪ جي بنياد تي آءِ بي اي ٽيسٽ معرفت ڀرتيون ڪيون وڃن

ٺڪرانو (ن سنڌيار) ٺڪرانو ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڀرتين لاءِ گريجوئيشن جي ٽيسٽ جو شرط رکڻ خلاف احتجاج مئٽرڪ جي بنياد تي ٽيسٽ وٺي آسري ۾ ويٺل هزارين نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي مطالبو خبر موجب ٺڪرانو ۾ سپوا يوٿ ونگ جي چيئرمين امداد حسين منگي احتجاج ڪندي چيو ته اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڀرتي مئٽرڪ جي بنياد تي ڪئي وڃي گريجوئيشن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مورو شهر جي بکر پير محلي جي رهواسين پاران باٿرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

حاجي لال خان عالماڻي؛ سجاد علي عالماڻي؛ وحاهد علي عالماڻي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

شوڪت عالماڻي شاهد عالماڻي رياض عالماڻي شهباز عرف راجو عالماڻي گهر تي حملو ڪيو: مظاهرين

لٺين ڪهاڙين ۽ پسٽل جي بٽڻ جا وار ڪري سجاد علي؛ جواد علي ۽ وحاهد علي کي سخت زخمي ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو شهر جي بکر پير محلي جي رهواسي حاجي لال خان عالماڻي؛ سجاد علي عالماڻي؛ وحاهد علي عالماڻي؛ جواد علي عالماڻي؛ اسد علي عالماڻي؛ مهراب خان عالماڻي؛ نظام الدين عالماڻي؛ محمد رفيق عالماڻي؛ احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان ڌاهوندي چيو آهي ته مورو لڳ ڳوٺ الهداد عالماڻي ۾ اوطاق جي ديوار ۽ مسجد جي لنگر جو جواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: ڳوٺ الهداد عالماڻي واسي باٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ سيپڪو پاران شهيدن کي
ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ قرآن خواني ۽
فاتحه خواني جو اهتمام

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ورڪرز يونين (سيپڪو) سکر ۾ واپڊا جي شهيدن جو ڏهاڙو ملهايو ويو ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ قرآن خواني ۽ فاتحه خواني ڪري ڪين ايصال ثواب لاءِ اجلاس منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي واپڊا يونين اڳواڻن ريجنل سيڪريٽري شجاعت علي گهمرو، سيد زاهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پريس ڪلب رجسٽرڊ ڏهرڪي جي سال 24_2023 جون چونڊون، تنوير احمد مهر صدر چونڊجي ويو

نائب صدر لاءِ اشرف مغل نائب صدر جي لاءِ برڪت علي شر جنرل سيڪريٽري لاءِ طاهر عباس چونڊيا ويا

اليڪشن ڪميشن سينيئر صحافي اسد پتافي جاڻايل عهديدارن جي بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪري ڇڏيو

انشاءَالله پنهنجي صحافي دوستن کي گڏ ڪثي، هلندس ۽ پنهنجي صحافين جو تحفظ ڪرڻ به ڄاڻيندو آهيان: صدر

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند سوٽواڻي) ڏهرڪي پريس ڪلب رجسٽرڊ ڏهرڪي جي سال 2023/24 جون چونڊيون سينيئر صحافي اسد پتافي جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ صدر جي عهدي لاءِ تنوير احمد مهر سينيئر نائب صدر لاءِ اشرف مغل نائب صدر جي لاءِ برڪت علي شر جنرل سيڪريٽري لاءِ طاهر عباس چوهان جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ اسد علي شر خزانچي برڪت علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 14 جولاءِ 2023ع

احتجاج جي جمهوري حق ڏانهن غير جمهوري روش!

ڪالهه استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي قيادت ۾ استاد پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ انتظاميا طرفان نظرانداز ڪرڻ خلاف سنڌ جي انتظامي سربراهه ڪي ڏانهن ڏيڻ ۽ چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪرڻ لاءِ ويندڙ استادن کي پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙن رستي ۾ روڪي کين اڳتي وڃڻ نه ڏنو ۽ اڳتي وڌندڙ استادن تي سخت تشدد ڪري 10 استادن کي زخمي ڪيو ويو ۽ 50 استادن جي گرفتاريءَ جو خبرون پڻ رپورٽ ٿي چڪيون آهن. ڪراچيءَ جي روڊن تي استادن تي نه صرف لٺبازي ڪئي وئي پر واٽر ڪينن جو پڻ استعمال ڪيو ويو. هي سٽون لکجڻ تائين گرفتار ڪيل استادن آزاد نه ٿي سگهيا هئا. گهڙين يا ٻين نازڪ قسم جي مشينريءَ تي "واٽر پروف" يا "شاڪ پروف" لکيل هوندو آهي پر دنيا ۾ شايد اسان جا ئي حڪمران آهن، جن کي "پروٽيسٽ پروف" هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. ڪيڏا به ڪٿي احتجاج ڇو نه ٿين، انهن جو اثر اسان جي حڪمرانن تي ناهي پوندو. ڪنهن به سماج ۾ احتجاج طرزِ حڪمراني تي بي اعتمادي ۽ ڪاوڙ جو اظهار هوندا آهن. دنيا جي سڌريل ملڪن جا حڪمران عوام جي مزاج جي موسم جو اندازو وڌندڙ احتجاجن مان لڳائي وٺندا آهن پر اسان جي حڪمرانن جو ته مزاج ئي نرالو ۽ ادا ئي "اور" آهي. هتي ڪوبه عوامي مسئلو ايستائين حڪمرانن جي ڌيان تي نٿو اچي، جيستائين اهو ڪوڙو "اشو" نٿو بڻجي. هاڻي ته هن ملڪ جي ماڻهن کي به اها پروڙ پئجي چڪي آهي ته وڏن احتجاجن ڪانسواءِ سندن مسئلو حل ٿيڻو ئي ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته حڪمرانن جي عوامي مسئلن کي نظر انداز ڪرڻ واري طرزِ عمل سان پاڻ ئي عوام کي احتجاج جي ترغيب ڏيندا آهن. پ ٽ الف استادن جي رجسٽرڊ تنظيم آهي. انهن جي اڳواڻن طرفان هيٺين سطح تي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. اڳي ڪيترين تنظيمون ۽ فرد. پوءِ اهي آءِ بي اي جا استاد هجن، آبادگار هجن، ڊاڪٽر هجن، جڏهن انهن ڏانهن هيٺين سطح تي انتظاميا بي ڌياني ۽ لاتعلقي اختيار ڪري ٿي ته اهي مجبور ٿي پنهنجي داتهن سنڌ جي انتظامي سربراهه ڏانهن ڪٿي وڃڻ لاءِ وزير اعليٰ هائوس ڏانهن پنڌ پيون ٿا پر انهن کي اوڏانهن به وڃڻ نه ڏنو ويندو آهي ۽ اڪثر ڪري انهن تي سخت تشدد ڪري انهن جون گرفتاريون ڪيون وينديون آهن. جيئن هن ڀيري پ ٽ الف جي قيادت ۽ استادن سان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي حڪمران پارٽي به مختلف موقعن تي مختلف معاملن تي احتجاج ڪندي رهي آهي. سنڌ حڪومت به وفاق خلاف احتجاج جو جمهوري حق استعمال ڪندي رهي آهي پر عوام کي اهو احتجاج جو حق، جيڪو انهن جو جمهوري حق آهي. ڏيڻ لاءِ اهي تيار ناهن. استادن جو پُرامن احتجاج هو ۽ انهن جا اهي مسئلا ڪامورا حل ڪن ها ته ڪين احتجاج جي ضرورت ڇو پيش اچي ها؟ انتظاميا چوي ٿي ته اهو "ريڊ زون" (ممنوعه علائقو) آهي. اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي آهي ته اها روش صرف سنڌ جي سرڪاري ملازمن ۽ ٻي پهچ سماجي پرتن سان هوندي آهي، نه ته سگهاريون سياسي ڌريون سي ايم هائوس احتجاج لاءِ وڃڻ چاهينديون آهن ته انهن تي نه لٺ بازي ڪئي ويندي آهي، نه واٽر ڪينن جو استعمال ۽ نه ئي وري کين گرفتار ڪيو ويندو آهي. استاد سماج جا قابل احترام فرد آهن. انهن تي شديد تشدد ڪري، واٽر ڪينن استعمال ڪري انهن پُرامن احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ ڪٿي جي جمهوريت آهي؟ استادن تي تشدد جو فيصلو جنهن به سطح تي ٿيو، اهو مذمت جوڳو آهي. هڪ طرف سنڌ ۾ ڌاڙيل آهن. جيڪي روز ماڻهو اغوا ڪري ٿا وڃن، انهن کي پُنگ نه ملڻ تي قتل ڪريو ڇڏين، اتي پوليس انتظاميا جا پَر ٿا سڙن. باقي سنڌ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا استادن جي لاءِ "مڙس ماڻهو" ٿي پيا آهن. ظاهر آهي ته پ ٽ الف تنظيم ۽ استادن اهو احتجاج اوچتو نه ڪيو هوندو. ان کان اڳ مختلف سطحن تي استادن پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون ڪيون هونديون ۽ سڀني پاسن کان نظرانداز ٿيڻ کانپوءِ ئي اهي پنهنجي ڏانهن ڏيڻ ۽ چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪرڻ لاءِ سي ايم هائوس وڃڻ لاءِ مجبور ٿيا آهن. اڪثر ڪري ٿيندو ائين آهي ته اهڙن احتجاجن بعد احتجاج ڪندڙن تي سخت تشدد ڪري ۽ کين گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ انهن جا جائز مطالبا مڃيا ويندا آهن پر اهي مطالبا اڳ ڇو نٿا مڃيا وڃن؟ هن ڀيري پ ٽ الف طرفان جيڪو 16 نڪاتي چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪيو ويو آهي. ان تي استادن سان ڳالهيون ڪري معاملا حل ٿي سگهيا پر ان ٿي هٺ ڌرمي سبب هيڏي وڏي بدنامي ٿي. ڪراچي جي رستن تي پُرامن استادن جو رت وهايو ويو ۽ گرفتاريون ڪيون ويون. هي سٽون لکجڻ تائين گرفتار ٿيل استاد آزاد نه ڪيا ويا هئا. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ وزيراعليٰ هائوس ڏانهن سنڌ جي انتظامي سربراهه کي ڏانهن ڏيڻ ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪرڻ لاءِ ويندڙ پُرامن استادن جي رستي روڪ ڪري انهن تي سخت تشدد ۽ گرفتارين جي اسان ننداکندي اها گهر ٿا ڪريون ته استادن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي ۽ سندن جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن. استادن تي تشدد جو حڪم جنهن به سطح تي ڏنو ويو آهي، اهو انتهائي مذمت جوڳو آهي، ان جي جاچ ڪرائي وڃي، جيڪي چونڊيل حڪومت لاءِ بدنامي جو سبب بڻجي رهيا آهن. احتجاج جمهوري حق آهي. ان ڏانهن غير جمهوري روش حيرت جوڳي آهي!

اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل ۽ ملڪي معيشت

عاطف ملاح

12 جولاءِ 2023ع تي عالمي مالياتي اداري انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جي منظوري سان ڪجھ وقت پهرين پاڪستان مٿان ڏفالت جي جيڪا تلوار لٽڪيل پئي رهي، سا آءِ ايم ايف جي نون مهينن جي اسٽينڊ بائي پراجيڪٽ وسيلي 3 ارب ڊالرن جي قسط جاري ٿيڻ سان وقتي طور تي ته هٽي وئي آهي. پر پاڪستان جي معاشي ڏيوالپڻي جي تلوار کي وڏي عرصي لاءِ پاسيرو ڪرڻ جي اجا تائين ڪا به پاليسي ناهي آندي وئي، جنهن ڪري اها تلوار اجا به لٽڪيل آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي موجوده تجربن مان ڏفالت مان نڪرڻ ناممڪن پيو لڳي. ٽوٽي جو 11 جولاءِ 2023ع تي ملڪ جي ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر اسحاق ڊار عوام کي، پنهنجي خطاب ۾ اها خوشخبري ڏني ته سعودي عرب مان 2 ارب ڊالر اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي ذخيرن ۾ پهچي چڪا آهن. اسٽيٽ بينڪ وٽ متا ستا جي ناڻي جا ذخيرا ساڍا 6 ارب ڊالر ٿي چڪا آهن. اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ به ان جا بهتر اثر ڏسڻ ۾ آيا. جتي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي هنڊريڊ انڊيڪس گذريل 14 مهينن بعد 43 هزار کان مٿي نظر آئي. آءِ ايم ايف جي پروگرام جي بحالي کان اڳ گذريل جون مهيني ۾ وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف اعلان ڪندي چيو ته اسان ملڪ جي ٻُڏندڙ معاشي ٻيڙيءَ کي پار پهچائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪ جي سيڙپڪارن، خاص طور عرب ملڪن جي واپارين لاءِ سرمائيڪاري جي راهه هموار ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. ان لاءِ هڪ ڪائونسل

"اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل" جي نالي سان جوڙيون پيا، جيڪا غير ملڪي سرمائيدارن کي ملڪ اندر سرمائيڪاري لاءِ هر سهولت مهيا ڪندي. ڪائونسل جو مقصد زراعت، لائيو اسٽاڪ، معدنيات، انفارميشن ٽيڪنالاجي، توانائي سميت ٻين شعبن سان لاڳاپيل صلاحيتن کي ٻاهرين سيڙپڪاري وسيلي ڪم ۾ آڻڻ هوندو. ساڳئي ڏينهن ۾ وزيراعظم جي اعلان سان گڏ آرمي چيف جنرل عاصم منير پڻ پاڪستان جي معاشي صورتحال تي پنهنجي تشويش جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان جي معاشي واڌاري لاءِ حڪومت سان هر محاذ تي گڏ آهيون. فوج جو سهڪار حڪومت سان هوندو. ان ڪائونسل ۾ آرمي چيف پڻ شامل ٿيو ۽ گڏوگڏ فوج جا اعلي عملدار پڻ حڪومتي ميمبرن سان گڏ ڪائونسل جو حصو بڻايا ويا. 26 جون 2023ع تي عرب نيوز ۾ پنهنجي لکيل مضمون ۾ شازيه انور چيما لکيو آهي ته ڪيس پلاننگ ڊويزن جي ذريعن وٽان خبر ملي آهي ته دراصل ان ڪائونسل جو تصور ئي آرمي چيف جنرل عاصم منير ڏنو آهي، جنهن قومي سلامتي ڪائونسل جي گذريل گڏجاڻي ۾ ملڪي معاشي بحالي جي پلان لاءِ ملڪ ۾ سياسي استحڪام آڻي ٻاهرين ملڪن جي سيڙپڪارن خاص ڪري عرب ملڪن کي پاڪستان ۾ سرمائيڪاري لاءِ همٿائڻ ۽ سهولتون ڏيڻ جو منصوبو پيش ڪيو. جنهن تي بعد ۾ وزير اعظم شهباز شريف به سائس راضپو ڏيکاريو ۽ ائين ڪائونسل جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ڪائونسل جي قيام بعد ان جي هدفن جي پورائي لاءِ آرمي چيف سان گڏجي وزيراعظم راولپنڊي ۾ فوج جي لينڊ انفارميشن مينيجمينٽ سسٽم جو افتتاح ڪيو، جنهن تحت تي ارب ڊالرن جي ٻاهرين سيڙپڪاري وسيلي 44 لک ايڪڙ بنجر زمين کي آبادي لائق بڻايو ويندو. جنهن ۾ شروعاتي طور سعودي عرب 50 ڪروڙ ڊالر لڳائيندو.

مالياتي معاملن کي ڏسندڙ هڪ نيوز ويب سائيٽ بزنس ڪوريڊور ڪائونسل کي پاڪستاني معيشت تي هڪ ٻيو مذاق ڪوٺيو آهي. ان طرفان شايع ٿيل هڪ ريسرچ موجب ته هر آئي ڏينهن پاڪستان جي معيشت تي ڪو نه ڪو ڊرامو پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن جو اسڪرپٽ اسلام آباد ۾ لکيو وڃي ٿو. ڊرامي جي تازي قسط ان ڪائونسل کي سڏيو ويو. ريسرچ ۾ اهو چيو ويو آهي ته ايوب کان وٺندي مشرف تائين پاڪستاني معيشت تي تمام تجربا ڪيا ويا پر سڀ بنيادي طور ناڪام ٿي رهيا. ان ڪائونسل جي قيام جي فوري بعد وري هڪ ٻي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اسان ملڪ ۾ "زرعي انقلاب" آڻينداسين. ان زرعي انقلاب تحت ملڪ جون زمينون ٻاهرين سيڙپڪارن کي ڏنيون وينديون ۽ ان فصل جي اڪيلي مالڪي به انهن سيڙپڪارن وٽ هوندي. ان ڪانپوءِ تازوئي 11 جولاءِ 2023ع تي "عورتن کي با اختيار بڻائڻ" بابت هڪ تقريب دوران ڳالهائيندي وزير اعظم شهباز شريف چيو ته اسان ملڪ جي معاشي بحالي جو پلان جوڙي ورتو آهي، جنهن تحت پهرين ترجيح زراعت، ٻي برآمدات ۽ ٽين معدني وسيلا آهن.

پاڪستان سرڪار جي پاليسين کي ڏسندي ان ڳالهه جو يقين اجان وڌيڪ پختو ٿئي ٿو ته واقعي پاڪستان جا حڪمران ملڪي معيشت سان مذاق ئي ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي موجوده سموري معاشي پاليسي جو زور ملڪ ۾ ڊالر آڻڻ تي آهي، جنهن جو ظاهري سبب ته ملڪ کي ڏفالت کان بچائڻ وارو آهي پر اندروني طور اها پاليسي ادارن کي خانگائڻ واري خطرناڪ پاليسي آهي، جنهن تحت ملڪ جي قومي ادارن کي وڪڻي انهن کي ٻاهرين سيڙپڪارن حوالي ڪري ڊالر ڪمائڻ آهي. اهو پئسو اهي ڊالر ملڪ جي چند اشرافيه جي مفادن وٽان هوندا، جيڪي ملڪي عوام جي نالي ۾ قرض کڻي پنهنجي مفادن جو پورائو ڪندا.

وزيراعظم شهباز شريف جي معاشي بحالي واري پلان ۾ پهرئين نمبر تي زراعت کي رکيو ويو آهي. جنهن ۾ هتان جون زمينون ٻاهرين سيڙپڪارن کي ڏيڻ جو منصوبو آهي. جيڪڏهن سرڪار واقعي سنجيدگي سان ملڪ جي معاشي مسئلي جو حل چاهي ٿي ۽ چاهي ٿي ته ملڪ جو غريب عوام خوشحال ٿئي ته پوءِ ته اهي زمينون بجاءِ ٻاهرين سيڙپڪارن کي ڏيڻ جي، ملڪ جي بي زمين هارين کي ڏنيون وڃن. ملڪ جو غريب مسڪين هاري ان زمين تي پيداوار ڪندو، جنهن وسيلي ملڪ جي غريب مسڪين هارين جو وڏو تعداد خوشحال به ٿي سگهي ٿو ۽ ان سان گڏ اهو عمل ملڪ جي معيشت کي پڻ بهتري ڏانهن وٺي ويندو. "اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل" وسيلي ٿيندڙ سيڙپڪاري ۾ ٻاهرين ملڪن جي واپارين، سيٺين، سرمائيدارن کي هر قسم جي سهولت ڏني ويندي، انهن کي سيڪيورٽي مهيا ڪئي ويندي. انهن جي هر مدد ڪئي ويندي. انهن کي همٿايو ويندو. ڪجھ تجزيي نگارن جو خيال آهي ته ان ڪائونسل وسيلي ملڪ جي معاشي بحالي جي منصوبي تي عملدرآمد لاءِ زرعي انقلاب جي نالي ۾ عرب ملڪن جي واپارين ۽ سرمائيدارن کي هتان جون زمينون ڏئي انهن جي پاڻي جو بندوبست پڻ ڪيو ويندو، جنهن لاءِ نئين نئين ڊيمن جوڙڻ جو خيال پڻ غور هيٺ آهي. ملڪ جي اڳ ئي تباهه حال معيشت ۽ مهانگائي، بيروزگاري، ڳاٽي ٽوڙ ٽيڪسن جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل ملڪي عوام ٻاهرين عرب ملڪن جي سيڙپڪارن جي سيڪيورٽي خرچن ۽ انهن جي عيش آرام جو وڌيڪ بوجھ کڻڻ جي حالت ۾ ناهي پر حڪمرانن جي غلط معاشي پاليسين وسيلي هڪ طرف ٻاهرين سيڙپڪارن کي سهولتون ڏئي، سنڌ سميت هتان جي ٻين قومن جا وسيلا، معدنيات وغيره انهن حوالي ڪري، انهن جي سيڪيورٽي جو خرچ عوام جي ٽيڪسن ۽ مهانگائي وسيلي عوام کان ئي اوڳاڙي واپسي ۾ عوام کي ڇا ڏنو ويندو؟ اهوئي ڏيندا. هڪ ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو ويو ته ٻاهرين ملڪن يعني عرب ملڪن جا سيڙپڪار پلي فصل ۽ ان جي اپت پنهنجي ملڪ کڻي وڃن پر زمين ته هتي ئي موجود هوندي، اها ته ڪو نه کڻي ويندا! هاڻي اندازو لڳائجي ته ڇا واقعي اها اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل ملڪي معشيت، عوام کي ڇا ڏيندي؟

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، ته صوفي سالم ٿِيءُ؛
وِهه وِڙِي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين جو استحصال

ارباب علي سميجو

پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي، خاص طور تي سنڌ جنهن جي اڪثر آبادي ٻهراڙي ۾ رهائش پذير آهي، جن جو گذر سفر زراعت ۽ چوپايو مال پالڻ تي آهي. هن وقت اها صورتحال آهي جو مهانگائي سبب مال جي چاري جا اگھ چوٽ چڙهي ويا آهن. جڏهن ته چوپائي مال توڙي کير جو ڪوبه اگھ نه آهي، تنهن ڪري مالوند ماڻهو سخت پريشان آهن. ٻي طرف ٻهراڙي جي ماڻهن جياپي جو سهارو زراعت آهي. زراعت جي ميدان ۾ صحيح پلاننگ نه هجڻ جي ڪري آبادگار توڙي هاري زندگي جا آخري پساهه کڻي رهيو آهي. گذريل سال جي ٻوڏ جنهن زراعت کي وڏو نقصان رسايو ايتريقدر جو سنڌڙي تعلقي جي علائقي ملوڪ ڀهوڙ ۽ دولت آباد وٽ اڃان به ٻوڏ وارو پاڻي بيٺل آهي. انڪان علاوه سنڌ ۾ هڪ طرف آبادگار ۽ هاري پاڻيءَ جي کوٽ خلاف احتجاج ڪندي روڊن تي نظر اچن ٿا ته ٻئي طرف وري سنڌ جا آبادگار زرعي جنسن جا مناسب اگھ نه ملڻ جون داتهون ڪندي نظر اچن ٿا. جيئن ته هينئر ڦٽي جي موسم هلي رهي آهي ۽ هن سال تمام سٺو فصل به ٿيو آهي ۽ آبادگار توڙي هاري خوش به هو ته هن سال انهن جو قرض به لهي ويندو ۽ پنهنجي نوجوان اولاد جي شادي ڪري سندن بار به هلڪو ڪندا. پر انهن کي ڪهڙي خبر ته هتي چئني پاسي پاڙهيري، واڳون ۽ ڪاريهر انهن جا منتظر آهن ۽ انهن جي خوشي مان ڪڏهن به خوش نه آهن. بقول شاهه صاحب جي:

"آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي پاڙهيري پ ڪري".

اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي زرعي معيشت تباهي جي ڪناري تي اچي پهتي آهي. ڪارخاني وارن ۽ پيدي مالڪن اڳ ڪيرائي ڇڏيا آهن ۽ جڏهن حڪومت انهيءَ تي ايڪشن کڻڻ جو ارادو ڪيو ته انهن ڪارخانا توڙي پيديون بند ڪري ڇڏيون آهن. تنهن سان ويتر آبادگار جو وڌيڪ نقصان ٿيندو، ڇاڪاڻ جو هينئر ڦٽي جا اهڙا ٻج آهن، جن کي اهي ڪجھ ڏينهن کان وڌيڪ پاڻ وٽ رکندا ته گرمي سبب انهن جو رنگ تبديل ٿي ويندو ڦٽي بدبو ڪري ويندي ۽ ويتر انهي جو گهٽ ريٽ ملندو.

آبادگارجن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، انهن مان ڪجھ هيٺين ريت آهن:

مهانگائي ۽ غير معياري شيون.

جيئن ته هر آبادگار خاص طور تي ننڍن آبادگارن توڙي هارين وٽ ٽريڪٽر نه آهي، ڊيزل جو ٿورو اگھ وڌي ٿو ته ٽريڪٽر مالڪ کيڙي جو اگھ وڌائي ڇڏين ٿا ۽ انهن کان کير به پڇڻ وارو نه آهي ۽ جيڪڏهن ڊيزل جو اگھ لهي ٿو ته به اهي کيڙي جو اگھ نه لاهيندا آهن. انهيءَ کان علاوه ٻج، ڀاڻ ۽ دوا هڪ ته غير معياري ملن ٿا ۽ ٻيو تمام مهانگا، ڇاڪاڻ جو اڪثر ڪمپنيون ٻاهر جون آهن ۽ انهن کان ڪير به پڇڻ وارو نه آهي. زرعي توسيعي کاتو جنهن جو ڪم آهي انهن شين جي معيار کي جاچڻ، انهن جي اگھن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ آبادگارن کي فصل بابت مشورا ڏيڻ. انهيءَ کاتي جي ڪارڪردگي ڪهڙي آهي؟ انهيءَ کان هر ماڻهو ڀلي ڀت واقف آهي.

پاڻي جي هترادو کوٽ

جيئن ته پاڻي جي ڪجھ کوٽ به آهي پر اسان وٽ آبادگار کان رشوت وٺڻ جي لاءِ هترادو کوٽ ڪري کين پريشان ڪيو وڃي ٿو.

قدرتي آفتون

جيئن ته موسم جي تبديلي جي ڪري اڪثر ٻوڏون اينديون رهن ٿيون. ڪافي علائقن ۾ سم نالا نه هجڻ جي ڪري آبادگار کي وڏي نقصان کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

زرعي جنسن جو مناسب اگھ نه ملڻ

آبادگارن جو سڀ کان وڏو مسئلو فصلن جو مناسب اگھ نه ملڻ آهي. انهيءَ جي لاءِ حڪومت کي گهرجي ته دور رس پلاننگ ڪئي وڃي، جنهن سان آبادگارن کي صحيح ۽ مناسب اگھ ملي سگهي. آبادگار کي پيدي مالڪن يا ڪارخاني وارن جي رحم و ڪرم تي نه ڇڏيو وڃي.

وفاقي توڙي سنڌ سرڪار گهرجي ته زراعت کي بچائڻ لاءِ فوري زراعت دوست پاليسيون جوڙي زرعي شعبي کي رليف فراهم ڪيو وڃي. زراعت ۾ استعمال ٿيندڙ ڊيزل، ڀاڻ، زرعي مشينري ۽ ٻين شين تي سبسڊي ڏيڻ سميت ڦٽين جي سرڪاري اگھ جيڪو 8500 روپيا مقرر ڪيو ويو آهي، ان تي فوري طور تي عمل ڪرايو وڃي. زرعي کاتي کي فعال ڪيو وڃي ۽ کين انهيءَ ڳالھ جو پابند بڻايو وڃي ته ٻج، ڀاڻ ۽ دوا جي معيار ۽ اگھ کي چيڪ ڪيو وڃي ۽ نقلي شيون هلائيندڙ دڪاندارن تي ڳرا ڏنڊ هنيا وڃن ۽ آبادگارن کي فصلن بابت مشورا ڏيڻ جو پابند ڪيو وڃي.

بقايا 01 ❊❊❊

وڏي وزير لاءِ ووٽنگ ڪرائي وئي. وڏي وزير لاءِ چئن اميدوارن ۾ مقابلو ٿيو. جن ۾ راجا اعظم خان، حاجي گلبر خان، راجا ذڪريا مقپون ۽ جاويد منوا شامل هئا. سحاجي گلبر خان 19 ميمبرن جي حمايت سان گلگت بلتستان جو نئون وڏو وزير چونڊجي ويو. اسپيڪر نذير ايڊووڪيٽ حاجي گلبر وڏو وزير چونڊجڻ جو اعلان ڪيو. واضح رهي ته چونڊ کان اڳ ٿي پ پ ۽ ن ليگ پي ٽي آءِ فارورڊ بلاڪ جي حاجي گلبر خان جي حمايت جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 02 ❊❊❊

ناصر شاهه سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ سماءِ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت ملڪ جو ائٽمي پروگرام شروع ڪيو ملڪ کي آئين ڏنو ۽ جانيون قربان ڪيون سنڌ ۾ صحت کاتي پاران موذي مرضن جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي سڄي پاڪستان مان ماڻهو علاج لاءِ سنڌ اچن ٿا. صوبائي وزير چيو ته هڪ گروپ صحت ڪارڊ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سنڌ ۾ هيلٿ ڪارڊ ڪانسواءِ علاج مفت ۾ ٿي رهيو آهي. سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ گلابي بسون هلايون ويون، سڄي ملڪ ۾ عورتن لاءِ گلابي بسون هلايون ويون. عوام جي خدمت ڪرڻ اسان جو فرض آهي شرجيل انعام ميمڻ پي ٽي آءِ تي تنقيد ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ پاران دعويٰ ڪيل پنج ڪروڙ گهرن مان هڪ به گهر ناهي مليو پيپلز پارٽي ٻوڏ متاثرن لاءِ هڪ لک گهر ٺهرائي ڇڏيا آهن ڪراچي ۾ ڪيترائي چئلينجز درپيش آهن. ڪراچي جو گند ڪچرو کنيو پيو وڃي چونڊن ۾ ووٽ اُن کي ئي ملندو جيڪو امن امان قائم ڪندڙ ادارن خلاف نه هوندو. اسان جي ليڊر کي سپريم ڪورٽ پاران عدالتي قتل ڪيو ويو آهي اسرائيل پڌرائي ۾ پي ٽي آءِ جي حمايت سامهون اچي وئي آهي جنهن کان پوءِ سڀني جون اکيون کلي ويون شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين بال ناڪري جي صورت ۾ لاڳو ٿيو پي ٽي آءِ دهشتگرد سوچ رکي ٿي جنهن قومي ادارن ۽ قومي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ملڪ ۾ فساد پکيڙڻ ۾ ان جو هٿ آهي پي ٽي آءِ جي قيادت ملڪ کي مسلسل نقصان پهچائي رهي آهي پيپلز پارٽي ملڪ کي بچائڻ لاءِ هميشه اڳيان بيٺل رهي آهي.

بقايا 03 ❊❊❊

کان وڌيڪ استادن کي گرفتار ڪيو ويو آهياستادن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. استاد ڪراچي پريس ڪلب تي احتجاج ڪري رهيا هئا جنهن دوران پوليس مٿن ڪڙڪي پئي پوليس 10 استادن کي گرفتار ڪري آرٽلري ٿاڻي منتقل ڪيو. پوليس جو چوڻ آهي ته ريڊ زون ۾ وڃڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، روڊ زون ۾ احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويندواستادن جو چوڻ آهي ته سڀني استادن کي نوڪري ڏيڻ واري تاريخ کان پڪو ڪيو وڃي، سينئر پرائمري استادن کي 17 هون گريڊ ڏنو وڃي. استادن جي تذليل جو سلسلو بند ڪيو وڃي، بائيوميٽرڪ ضلعي ليول تي ڪئي وڃياستادن چيو ته پرائمري اسڪولن ۾ گزيٽيڊ هيڊ ماستر مقرر ڪرڻ وارو شرط واپس ورتو وڃي، ٽريزري آفيسن ۾ رشوت وٺڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، رٽائرڊ ٿيندڙ استادن کي فوري پينشن جا پئسا ڏنا وڃن. لائيسنس پاليسي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي اهو قدم به واپس ڪيو وڃياستادن چيو ته گروپ انشورنس پاليسي جا پئسا رٽائرمينٽ جي فورن ڏنا وڃن.

بدين جي استاد امتياز عمراڻي کي فوري طور تي بحال ڪيو وڃي.

بقايا 04 ❊❊❊

ٻئي امڪاني حيران ڪندڙ اثر جو انڪشاف ٿيو آهي. هڪ نئين تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته سڄي دنيا جي سمنڊن جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي ۽ امڪاني طور تي اهو موسمياتي تبديلين سبب ٿي رهيو آهي جرنل نيچر ۾ ڇپيل تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته سمنڊ جو گهرو نيرو رنگ وقت سان گڏوگڏ سائي رنگ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. خاص طور تي خط استوا جي ويجهن حصن ۾ اهو اثر گهڻو نمايان آهي. محققن ٻڌايو ته اسان کي ان ڳالهه جي پرواهه ان ڪري ناهي جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي پر اهو ان ڪري اهم آهي ڇو جو ان سان ماحولياتي نظام ۾ ايندڙ تبديلين جي عڪاسي ٿئي ٿي. ان تحقيق لاءِ برطانيا جي سائوٿ هيمپٽن يونيورسٽي جي ماهرن آمريڪي خلائي اداري ناسا جي Modis_Aqua سيٽلائيٽ جي 20 سالن جي ڊيٽا جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي تحقيق دوران سامونڊي رنگ ۾ تبديلين جي رجحان جو جائزو ورتو ويو ۽ انهائي ۾ اهو ڏٺو ويو ته جيڪڏهن انساني سرگرمين سبب موسمياتي تبديلين کي منهن نٿو ڏجي ها ته سمنڊن جو رنگ ڪهڙو هجي ها. نتيجن مان واضح ٿيو ته موسمياتي بحران سبب سامونڊي رنگ ۾ واضح تبديلي ٿي آهي محققن ٻڌايو ته لڳ ڀڳ سڄي دنيا جي سمنڊن جي رنگ ۾ تبديلي واضح آهي هيل تائين سائنسدان سڄي دنيا ۾ سمنڊن جي 56 سيڪڙو کان وڌيڪ پکيڙ تي رنگ جي تبديلين کي دريافت ڪيو آهي. محققن ٻڌايو ته گهڻن حصن ۾ "سائو رنگ" واضح آهي پر ڪجھ هنڌن تي ڳاڙهي يا نيري رنگ ۾ واڌ يا گهٽتائي ٿي رهي آهي. سمنڊن جون ڪهڙيون ڪهڙيون تباهه ڪندڙ تبديليون ناهن. پر ان سان اهڙين شاهدين کي هٿي ملي ٿي ته انساني سرگرمين عالمي حياتياتي ماحول تي ائين اثرانداز ٿي رهي آهي جن کي اسان سمجهڻ جوڳا ناهيون. ماهرن موجب ان دريافت سان موسمياتي تبديلين جي هڪ ٻئي اثر جو انڪشاف ٿئي ٿو. پر اهو واضح ناهي ته سمنڊن جي اندر اهڙو ڇا ٿي رهيو آهي جنهن سبب انهن جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته ان جو سبب ڄاڻڻ سان ان تبديلي جي ماحولياتي اثرن کي سمجهڻ ۾ به مدد سگهندي.

بقايا 05 ❊❊❊

جي مفادن جي رستي ۾ وڇايل سرنگهون صاف ڪيون. هن چيو ته معاشي استحڪام لاءِ آرمي چيف ۽ ناڻي واري وزير جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. سفارتي سطح تي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري به سليون ڪوششون ڪيون. دوست ملڪن جي سهڪار کي به نٿا وساري سگهون. چين، سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن جا دلي طور ٿورا مڃون ٿا. سندس چوڻ هو ته اڳوڻا حڪمران معاهدو ناڪام بڻائڻ جي سازشن ۾ مصروف هئا. پاڪستان جي ڏيوالي جو خطرو ۽ انهن جون ناپاڪ خواهشون خاڪ ۾ ملي ويون. وزيراعظم چيو ته ڪاروباري ماڻهن ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿي رهيو آهي. حڪومت، صوبا، عسڪري ادارا قومي ايجنڊا ڪامياب ڪرائيندا. معاشي بحالي جو هڪ گڏيل پلان تيار ڪيو آهي. هاڻ وقت اچي ويو آهي ته اسان پنهنجي پيرن تي بيهون. وڃايل مقام ٻيهر حاصل ڪرڻو آهي. شهباز شريف اعلان ڪيو ته اسان آگسٽ 2023 ۾ ذميواري نگران حڪومت حوالي ڪنداسين. اسان کي اپريل 2022 ۾ عوام حڪومت هلائڻ جي ذميواري ڏني هئي، هيءَ مختصر مدي لاءِ قائم ٿيل واحد گڏيل حڪومت آهي.

بقايا 06 ❊❊❊

کي ان حوالي سان وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو. آمريڪا پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ وڏو ملڪ آهي، رڳو گذريل سال پاڪستان ۾ آمريڪي سيڙپڪاري 50 سيڪڙو وڌي وئي، آمريڪا جون ڪيئي ڪمپنيون پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪري رهيون آهن آمريڪي سفير چيو ته پاڪستان جي سياسي معاملن ۾ مداخلت ناهيون ڪندا، ليڊر رڪارڊ ۾ شفافيت اهم آهي، ان ۾ پاڪستاني حڪومت کي سپورٽ ڪري رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته عورتن جي حقن جي حوالي سان قانون سازي به گهڻي اهم آهي، سندس چوڻ هو ته آمريڪا پاڪستان سان گڏجي افغان مهاجرن بابت ڪم ڪري رهيو آهي، افغان مهاجرن جي حوالي سان خاص طور تي 60 ملين ڊالر مختص ڪيا آهن.

بقايا 07 ❊❊❊

سربراهي ۾ 8 رڪني لارجر بينچ 21 جولاءِ تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي، جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر بينچ جو حصو هوندا، جسٽس مظهر نقوي ۽ جسٽس محمد علي مظهر به بينچ ۾ شامل هوندا جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عائشه ملڪ ۽ جسٽس شاهد وحيد به بينچ جو حصو هوندا. سپريم ڪورٽ آف پاڪستان فوجي عدالتن ۾ شهرين جي ٽرائل خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي، چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بينچ 18 جولاءِ تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي. بينچ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ جسٽس منيب اختر شامل آهن. جسٽس مظهر علي اڪبر نقوي ۽ جسٽس عائشه ملڪ به بينچ جو حصو هوندا، سپريم ڪورٽ ڪيس ۾ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 08 ❊❊❊

چاهي ته استعيفيٰ ڏئي، پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي چيئرمين نور عالم خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو. جنهن ۾ ڪابينا ڊويزن جي آڊٽ اعتراضن جو جائزو ورتو ويو چيئرمين ڪميٽي نور عالم خان ڪميٽي جي ميمبرن کي ٻڌايو ته پاور ڊويزن 90 ارب رپيا وصول ڪيا آهن. 161 ارب رپيا باقي آهن. ان معاملي تي پاور ڊويزن ۽ آڊٽ کي ساراهيون ٿا. آڊٽ عملدارن چيو ته اوگرا، نيپرا ۽ فريڪوئنسي ايلوڪيشن بورڊ اسان کي رڪارڊ فراهم نه ڪري رهيا آهن. چيئرمين اوگرا چيو ته آڊٽ ٽيمون باقاعدگي سان آڊٽ ڪرڻ لاءِ اچن ٿيون. چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي نور عالم خان کين هدايت ڪئي ته توهان آڊيٽر جنرل کي رڪارڊ ڏيڻ جا پابند آهيو. هر ڪنهن کي آڊٽ ڪرائڻو آهي. ايندڙ اگاري تائين سمورو آڊٽ رڪارڊ فراهم ڪيو وڃي. بل پاس ٿي چڪو آهي. هاڻي هو ڪنهن کان پڇڻا نه ڪندا. چيئرمين نيپرا چيو ته نيپرا جو آڊٽ مڪمل ٿي چڪو آهي. چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي نور عالم خان کين هدايت ڪئي ته نيپرا کي رڪارڊ فراهم ڪيو وڃي. آئين موجب هر سرڪاري ادارو آڊٽ ڪرڻ جو پابند آهي. ڪميٽي ميمبر برجيس طاهر سوال ڪيو ته نيپرا عدالت ۾ ڪنهن جي خلاف حڪم نامو ورتو آهي؟ ڪنهن تي ڪيس داخل ڪيو آهي؟ چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي نور عالم خان چيو آهي ته سڀ پيڪ خلاف ڪيو ته ناهي، نيپرا کي هاءِ ڪورٽ مان درخواست واپس وٺڻ گهرجي. جيڪو رڪارڊ نه ڏيڻ چاهي ته استعيفيٰ ڏئي. چوڌري نثار پنهنجي گهر هليو ويندو. چيئرمين نيپرا پي اي سي جو چيئرمين هجي ها. نيپرا رڪارڊ نه ڏيڻ چاهي ته استعيفيٰ ڏئي. هو وزيراعظم کي پنهنجي عهدي کي ٻيهر اشتهار ڏيڻ جو مطالبو ڪندو.

بقايا 09 ❊❊❊

ڊالرن جي پهرين قسط اسٽيٽ بئنڪ ۾ منتقل ڪري ڇڏي آهي هن ٻڌايو ته آءِ ايم ايف پروگرام تحت پاڪستان کي 3 ارب ڊالر ملڻا آهن. آءِ ايم ايف جو پروگرام 9 مهينن جو آهي، هلندڙ هفتي اسٽيٽ بئنڪ جي ذخيرن ۾ 4 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جو واڌ ٿي آهي. ان سان گڏ سپتائي ٿاڻي متاستا جا ذخيرا 13 ۽ 14 ارب ڊالرن جي وچ ۾ هوندا. ان حوالي سان اسٽيٽ بئنڪ پنهنجي رپورٽ جاري ڪندي. سندس چوڻ هو ته قرض پروگرام جا باقي هڪ ارب 80 ڪروڙ ڊالر پوءِ ملندا. آءِ ايم ايف سان ڳالهه ٻولهه ۾ وزيراعظم جو اهم ڪردار رهيو، حڪومتي ٽيم نه ان سفر ۾ پريوراٽ ڏني.

بقايا 10 ❊❊❊

۾ پيرا ويڊيو ڪالنگ جي سهولت ملندي. آءِ جي جيل موجب پاڪستان ايشيا جو اڪيلو ملڪ آهي. جتي ويڊيو ڪالنگ جي سهولت شروع ڪئي وئي آهي. پراجيڪٽ جي ڪاميابي ڪانپوءِ صوبي جي ٻين جيلن ۾ به قيدين کي اها سهولت ڏينداسين پهرئين مرحلي ۾ 100 قيدين کي پنهنجي گهر ڀاتين سان ڳالهائڻ لاءِ ويڊيو ڪالنگ جي سهولت ڏني وئي آهي.

بقايا 11 ❊❊❊

جاري ڪئي وئي آهي. اختيارين پي آءِ اي کي 8.2 ملين ريال جي بقايا رقم ادا ڪرڻ لاءِ 15 جولاءِ تائين مهلت ڏني آهي. جيڪڏهن پي آءِ اي ڊيڊ لائين تائين ادائگي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ته آر اي اي خبردار ڪيو آهي ته ان سان ايئرلائن جو سيارو جو فلائيٽ شيڊول متاثر ٿي سگهي ٿو. پي آءِ اي کي جدا ايئرپورٽ طرفان به رهتون ادا نه ڪرڻ جي خبردار ڪيو ويو آهي، ذريعن موجب پي آءِ اي جي ترجمان تصديق ڪئي ته آر اي اي رهتن جي ياد ڏياري ڇڏي آهي، هن چيو ته اميد آهي ته مسئلو جلد حل ٿي ويندو. آر اي اي پاران خبردار ڪيو ويو آهي ته پي آءِ اي اڳ ۾ ئي مالي ذڪيائين کي منهن ڏئي رهي آهي. ايئر لائن ڪيترن ئي سالن کان منافعو ڪمائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي رياض ۽ جده ايئرپورٽس تي رهتن جي عدم ادائگي پي آءِ اي جي مالي ذڪيائن ۾ هڪ اهم چئلينج بڻيل آهي، جيڪڏهن ايئر لائن آخري وقت تائين ادائگي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ته ان پنهنجي اڏامن جي شيڊول ۽ وڌيڪ رنڊڪن کي منهن ڏيندي. اها صورتحال پاڪستان حڪومت لاءِ به هڪ جهٽڪو آهي. جيڪا پي آءِ اي کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. حڪومت گذريل ڪجھ سالن ۾ ايئر لائنز کي اربين رپين جي سهائتا ڏني آهي. پر ادارو اڃا تائين پنهنجي قسمت جو رخ تبديل نه ڪري سگهيو آهي.

بقايا 12 ❊❊❊

موجب شهر جو موجوده گرمي پد 32 ڊگري سينٽي گريڊ آهي، اڄ وڌ کان وڌ گرمي پد 34 کان 36 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو. جڏهن ته گهٽ کان گهٽ گرمي پد 28 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته شهر ۾ 22 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان ڏکڻ اولهه کان هوائون گهلي رهيون آهن، هوا ۾ گهم جي شرح 58 سيڪڙو آهي. هن وقت ڪراچي ۾ گرمي جي شدت ناهي ۽ موسم بهتر آهي. موسميات کاتي شهر ۾ تيز برسات جي اڳڪٿي ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ 20 کان 21 جولاءِ دوران تيز برسات جو امڪان آهي.

بقايا 13 ❊❊❊

ايم ڪيوايم پاڪستان جو چوڻ آهي ته اپوزيشن ليڊر مقرر ڪرڻ لاءِ درخواست جلد سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرائي ويندي، واضح رهي ته سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ انصاف 30 سيٽن سان سڀ کان وڏي اپوزيشن پارٽي آهي ۽ حليم عادل شيخ اپوزيشن ليڊر آهي پر 9 مئي واقعن کانپوءِ تحريڪ انصاف جا ڪيترا اڳواڻ اسيمبلي اجلاس ۾ شريڪ نه پيا ٿين، هوڏانهن عام چونڊن کان اڳ صوبي ۾ نگران حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اپوزيشن ليڊر جي مشاورت ضروري هوندي آهي، تنهن ڪري ايم ڪيوايم اسيمبلي جي ٻئين وڏي جماعت هجڻ جي حيثيت سان اپوزيشن ليڊر مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي پر ايم ڪيوايم ميمبرن جو انگ 21 آهي ۽ انهن کي پنهنجو اپوزيشن ليڊر آڻڻ لاءِ 30 کان وڌيڪ ميمبرن جي حمايت گهربل آهي. ذريعن موجب سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر مقرر ڪرڻ لاءِ ايم ڪيوايم پاڪستان کي جي ڊي اي جي حمايت گهربل هوندي ۽ جي ڊي اي جا سنڌ اسيمبلي ۾ 14 ميمبر آهن، ان کانسواءِ ٽي ايل پي جا 3 ۽ جماعت اسلامي جو هڪ ميمبر به اپوزيشن ۾ موجود آهي.

بقايا 14 ❊❊❊

جي ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي 18 جولاءِ تي ٿيندي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 6 رڪني لارجر بئنچ ٻڌڻي ڪندي، ان سلسلي ۾ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن ايندڙ هفتي سپريم ڪورٽ ۾ هڪ ٻئي اهم ڪيس پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواستن 21 جولاءِ تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن. ان ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس آف پاڪستان جي سربراهي ۾ 8 رڪني لارجر بئنچ ڪندي.

بقايا 15 ❊❊❊

وهيڪل لفٽنگ سيل جا اهلڪار ملوث آهن شرجيل ڪرل چيو ته پوليس اهلڪارن هاشر ۽ سندس دوست کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. نه بيهڻ تي اي ايس آءِ مختار فائرنگ ڪري ڏني سندس چوڻ هو ته ملوث اهلڪارن کان جاچ جاري آهي. اهلڪارن کي هيل تائين باقاعدي گرفتار ناهي ڪيو ويو. هاشر جي قتل جو ڪيس مدعي پير ٿاڻي تي داخل آهي. جنهن ۾ قتل ۽ قتل جي قدمن جا قلم شامل آهن.

بقايا 16 ❊❊❊

ءِ ڪوچ مصباح الحق پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته مينٽور عبدالرزاق، سي اي او عارف ملڪ، شهزاد احمد، ايس پي ايل ڊائريڪٽر آف ڪرڪيٽ آپريشنز نويد احمد، اڳوڻو ڪرڪيٽر عمران نذير، حسن رضا، مشهور اداڪار جاويد شيخ، سهيل سمير ۽ شا خان ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ موجود هئا. سنڌ پريميئر ليگ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ايس پي ايل ڪرڪيٽ کي هيٺ ٿيندو ۽ سنڌ جا نوجوان پنهنجي صلاحيتن جا جوهر ڏيکاري سگهندا. اسان کي منفي عملن جي بدران مثبت ڪمن جي حمايت ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته ماڻهو مصباح الحق جي خدمتن کي ياد نه ڪندا آهن پر شارٽس کي ياد ڪندا آهن. مصباح الحق جي ڪارڪردگي کي ياد رکڻ گهرجي، عبدالرزاق ڏکڻ آفريڪا خلاف هارايل ميچ کٽرايو هو. اسان کي پنهنجي ملڪ جو سوفٽ اميج ناهڻو آهي ۽ چاهيون ٿا ته ڪرڪيٽ ۾ پنهنجي صوبي جو مثبت اميج پيش ڪري سگهون. ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ٽيمين کي اسپانسر ملي چڪا آهن ۽ جوئينٽيم به اچي ويندي. سنڌ جي ٽيلينٽ کي سامهون آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت اسان سان گڏ آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن به شيءِ جي کوٽ ناهي. نفرت کي گهٽائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته تمام گهٽ مثال ملندي آهي ته اهڙي طرح بزنس مين ڪرڪيٽ کي سپورٽ ڪري رهيا آهن ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته سوئزرلينڊ جو سفير ڪراچي آيو هو. ان کي اسان کين پنهنجي ثقافت ڏيکاري، هو حيران ٿي ويا. هنن اسان جي اجرڪ ۽ اسان جي فنڪارن جي ڪارڪردگيءَ کي ڏٺو ۽ سنڌ جي ثقافت کي ساراهيو. ان موقعي تي ناليواري مشهور اداڪار جاويد شيخ چيو ته کيس ڪرڪيٽ سان تمام گهڻو پيار آهي. هن فلم انڊسٽري جي ڪرڪيٽيم به ناهي ۽ ان کي پروموٽ ڪيو. هن شوڪت خانم ڪينسر اسپتال جي چيريٽي لاءِ ميچون به ڪيون هن وڌيڪ چيو ته هن پارٽي فلم جنٽ ۾ بڪي جو ڪردار ادا ڪيو جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو. اسان سڀني کي گڏجي ايس پي ايل کي ڪامياب بڻائڻو آهي. منهنجي خواهش آهي ته هي ليگ انٽرنيشنل ليول تي به نالو ڪمائي. ان موقعي تي هن چيو ايس پي ايل جو ٽائيٽل اسپانسر الحيات گروپ جي سي اي او جهانزيب عالم حيدرآباد بهادرز جي فرنچائز خريد ڪري ورتي. جڏهن ته سنڌ پريميئر ليگ جو مينٽور عبدالرزاق ايندڙ ڏهاڙن ۾ ايس پي ايل لاءِ اندروني سنڌ ۾ ٽرائل وٺندا ۽ 35 رانديگرن جي چونڊ ڪندا. ايس پي ايل جي ڇهن مان 3 فرنچائزز لاڪ ٿي چڪيون آهن ڪراچي غازيز، حيدرآباد بهادرز ۽ بينظيرآباد جي فرنچائزز وڪرو ٿي چڪيون آهن مصباح الحق حيدرآباد بهادرز جو هيڊ ڪوچ ۽ شعيب ملڪ آئيڪن پليئر هوندا.

بقايا 17 ❊❊❊

سڪيورٽي فورسز مٿان دهشتگردن حملو ڪري ڏنو. فائرنگ ۾ 3 جوان شهيد ٿي ويا سڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. سڪيورٽي فورسز جو باقي دهشتگردن کي پڪڙڻ لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا 18 ❊❊❊

تي ڊالر 3 رپيا 48 پئسا گهٽ ٿي 274 رپين جو ٿي ويو لاهن چاڙهه ڪانپوءِ ڊالر 275 رپين 50 پئسن تي بند ٿيو. انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر 277 رپين 18 پئسن تي بند ٿيو هو اوڊلن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 2 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 279 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 19 ❊❊❊

پاڪستان پارٽي باز جي نشان تي چونڊ وڙهندي. ان سلسلي ۾ هلندڙ هفتي اليڪشن ڪميشن ۾ درخواست ڏني ويندي، ذريعن جو چوڻ آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي رجسٽريشن سان گڏ چونڊ نشان لاءِ درخواست ڏيندي.

بقايا 20 ❊❊❊

سفارتي ذريعن موجب واشنگٽن ۾ عمارت جي وڪري لاءِ واڪ ڏنو ويو. پراڻي عمارت ڏهڪي عرصي کان خالي هئي ۽ پاڪستاني حڪومت کي ٽيڪس جي مد ۾ لکين ڊالر ادا ڪرڻا پئجي رهيا هئا.

بقايا 21 ❊❊❊

ءِ احترام سان ملهايو ويندو ان موقعي تي فرقيواراڻي هم آهنگي ۽ مذهبي رواداري قائم ڪئي ويندي جلوسن ۽ مجلسن جي موقعي تي فول پروف سڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي ۽ بهتر شهري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اوليتي قدم کنيا ويندا هو ڪمشنر ڪراچي ڪلب ۾ هڪ جائزي واري اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو فيصلو ڪيو ويو ته محرم جي موقعي تي مرڪزي جلوس سميت سمورن اهم جلوسن جي رستن ۽ امام بارگاهن جي ڀرپاسي صفائي جا خاص انتظام ڪيا ويندا عزادارن لاءِ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ واٽر اينڊ سيوريج بورڊ اوليتي قدم کڻندو ٽريفڪ انتظام لاءِ ٽريفڪ پوليس انتظاميه جي مشاورت سان انتظام ڪندي شهرين جي مدد ۽ رهنمائي لاءِ ڪمشنر ڪراچي ۽ سمورن ڊپٽي ڪمشنرز جي آفيسن ۾ شڪايتي مرڪز قائم ڪيا ويندا ڪمشنر چيو ته سمورا ڊپٽي ڪمشنر، پوليس رينجرز ۽ شهري ادارن جا آفيسر محرم الحرام عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ ۽ ان موقعي تي سيڪيورٽي ۽ شهري سهولتن جي بهتر انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا 22 ❊❊❊

ترڪيه طرفان فن لينڊ جي حمايت ڪئي وئي پر سويڊن بابت پهرين انڪار ڪيو هو سويڊن جي نيٽو شموليت تي اعتراض ڪيو هو ته نيٽو ۾ ڪنهن به ملڪ جي شموليت لاءِ اتحاد ۾ شامل سڀني ميمبرن طرفان درخواست منظور ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا 23 ❊❊❊

اڳوڻو وزير طاهر علي شاهه ۽ اڳوڻو ايم اين اي ڊاڪٽر حيدر علي به شامل هئا. ملاقات دوران خيبرپختونخواهه صوبي جي سياسي صورتحال ۽ ايندڙ عام چونڊن بابت پارٽي حڪمت عملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٽريال تاليرچيو ته ملڪ جي ٻين صوبن وانگر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خيبرپختونخواهه جي عوام جي اميدن جو محور آهي هر ڪو اهو سمجهي رهيو آهي ته ملڪ کي درپيش چئلينجز صدر آصف علي زرداري جي ويزن تي عمل ڪري ئي منهن ڏئي سگهجن ٿا. ايندڙ عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪاميابي پڪ ٿي آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو ئي وزيراعظم ٿيندو. انشاء الله.

بقايا 24 ❊❊❊

سامهون اچي ويو پرڏيهي کاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار بريفنگ ۾ پاڪستان مان ڀارت ويندڙ سيما بابت ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان سيما تائين قونصلر پهچ گهري آهي ۽ ڀارت مان سيما جي خيريت ڄاڻڻ جي درخواست ڪئي آهي. سيما جي اتي موجودگي تي ڀارت جي جواب جو انتظار آهي واضح رهي ته سيما چئن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ پب جي تي ڀارتي جوڳري سان دوستي ڪانپوءِ نيپال رستي ڀارت وئي هئي. سيما هن وقت نئين دهلي کان 90 ڪلوميٽر پري ربو پورا ڳوٺ ۾ پنهنجي ڀارتي سڄن سان گڏ رهي پئي، شروعاتي طور پوليس سيما ۽ سڄن کي گرفتار ڪيو هو بعد ۾ هاڻي ضمانت تي آزاد ٿي چڪا آهن.

بقايا 25 ❊❊❊

وڪرو ٿي رهيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته پاڻي جو مسئلو ڪراچي جي عوام لاءِ درد سر بڻجي ويو آهي. ڇو؟ حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته 200 غير قانوني هائيڊرنٽس هلي رهيا آهن. پيپلز پارٽي سڌي ريت واٽر بورڊ ۾ مداخلت ڪري ٿي هن چيو ته پاڻي جي نظام ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي. ڪي اليڪٽرڪ خلاف به حڪومت ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

بقايا 26 ❊❊❊

ٻڌايو پيو وڃي ته آئل ٽينڪر حيسڪول پيٽروليم ڪمپني جو هو. جنهن جو نمبر ٽي ايل يو 989 آهي جيڪو ڪراچي کان سجاول وڃي رهيو هو ٽينڪر 8000 ليٽر ڊيزل ۽ 16000 ليٽر پيٽرول سان ڀريل هيو.

بقايا 27 ❊❊❊

ذريعن موجب عون چوڌري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت سبب استعيفيٰ ڏني آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي پنهنجي ميمبرن کي حڪومتي عهدا ڇڏڻ جو چيو آهي.

بقايا 28 ❊❊❊

[illegible] ته وڊيو لنڪ تي بيان ڏئي ڇڏي تيار آهيان ٽيب اجا تائين وارنٽ جاري ٿي ڪيا آهن صحافين سان غير رسمي ڳالهائيندي اڳوڻي احتساب واري صلاحڪار چيو ته نوازشريف سلو ماڻهو آهي جمي بيلو آهي پنهنجي ڀاءُ شهبازشريف کان بهتر آهي شهبازشريف کي هاڻي وزيراعظم جي ڪرسي جو چسڪو لڳي ويو آهي هن چيو ته هلندڙ سال چونڊون ٿينديون نظر نه پيون اچن ملڪ جي موجوده حالت جو ذميوار قمر جاويد باجوا آهي اهو پي ٽي آءِ جي خلاف هو شهزاد اڪبر چيو ته پهريان ٽي پئو پنجي ويو هو ته اسان جي حڪومت کي ختم ڪيو ويندو ڪابينه کي دستاويز ڏيکارڻ بنا صحيح ڪرائڻ جي سوال تي شهزاد اڪبر چيو ته ڪابينه ڪاغذ ڏسڻ جي زحمت ئي پسند نه ڪئي.

بقايا 29 ❊❊❊

جو نالو اي سي ايل ۽ پي اين آءِ ايل لسٽ مان ڪڍڻ جي درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري ڪئي عدالت گهرو وزارت ۽ ايف آءِ اي کي لاڳاپيل آفيسر مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو شيرين مزاري پنهنجي وڪيل احسن جمال پيرزادو ۽ ايمان مزاري سان عدالت ۾ پيش ٿي عدالت شيرين مزاري جي وڪيل کان سوال ڪيو ته اي سي ايل ۾ اوهان جو نالو آهي ته ڪاپي ڪٿي آهي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته اي سي ايل ۾ نالو وجهڻ جي ڪائي ڪاپي نه آهي ميڊيا رپورٽ سان پتو پيو آهي عدالت پڇا ڪئي ته اخباري خبر ۾ اوهان جو نالو آهي ته جسٽس طارق محمود جهانگيري ريمارڪس ڏيندي چيو ته اخبار جي آرٽيڪل ۾ ته رڳو هڪ فڪر ٻڌايو ويو آهي عدالت شيرين مزاري جي وڪيل کان سوال ڪيو ته اوهان جي ڪيس جو ڇا ٿيو وڪيل جواب ڏنو ته شيرين مزاري کي ڪجھ ڪيسن مان ڪڍيو ويو آهي اڃا ڪجھ برقرار آهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ درخواست جي ٻڌڻي 19 جولاءِ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30 ❊❊❊

ويو آهي ان جي خلاف ايف آءِ آر ڪٽجي وئي تفصيل موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ لياري ايڪسپريس وي تي تيسر ٽائون ۾ شراب جي گهر جي موجودگي جي خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي درخواست گذار چيو ته آبادي اندر شراب جو گهر کليل آهي. ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ ۽ بالا آفيسرن کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڏنيون ڇڪاسين پر شنوائي نه پئي ٿئي ڪجھ ڏينهن اڳ علائقي واسين ڪاوڙ ۾ اچي شراب جي گهر کي باهه ڏئي ڇڏيو درخواست گذار جي وڪيل چيو ته واقعي کان پوءِ سرجاني ٽائون ٿاڻي ۾ علائقي واسين جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرايون ويون شراب خاني کي بنا دير ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي عدالت ان حوالي سان پوليس آفيسرن کان جواب گهريو ۽ ٻڌڻي موڪلن کان پوءِ تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 31 ❊❊❊

ته سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي ٽوئيٽر جا ٻه اهم فائدا آهن پهريون فائدو اظهار راءِ جي آزادي آهي، ٻيو ٽوئيٽر جي عوامي نوعيت ۽ تصديقي هجڻ آهي. هن وڌيڪ لکيو ته ٽوئيٽر وٽ ميٽا جهڙي عدم برداشت پاليسي ناهي. ٻيا پليٽ فارمز ٽوئيٽر جي جاءِ نٿا والاري سگهن.

بقايا 32 ❊❊❊

ٻئي امڪاني حيران ڪندڙ اثر جو انڪشاف ٿيو آهي. هڪ نئين تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته سڄي دنيا جي سمنڊن جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي ۽ امڪاني طور تي اهو موسمياتي تبديلين سبب ٿي رهيو آهي جرنل نيچر ۾ ڇپيل تحقيق ۾ ٻڌايو ويو ته سمنڊ جو گهرو نيرو رنگ وقت سان گڏوگڏ سائي رنگ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. خاص طور تي خط استوا جي ويجهن حصن ۾ اهو اثر گهڻو نمايان آهي. محققن ٻڌايو ته اسان کي ان ڳالهه جي پرواهه ان ڪري ناهي جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي پر اهو ان ڪري اهم آهي ڇو جو ان سان ماحولياتي نظام ۾ ايندڙ تبديلين جي عڪاسي ٿئي ٿي. ان تحقيق لاءِ برطانيا جي سائوٿ هيمپٽن يونيورسٽي جي ماهرن آمريڪي خلائي اداري ناسا جي Modis_Aqua سيٽلائيٽ جي 20 سالن جي ڊيٽا جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي تحقيق دوران سامونڊي رنگ ۾ تبديلين جي رجحان جو جائزو ورتو ويو ۽ انهائي ۾ اهو ڏٺو ويو ته جيڪڏهن انساني سرگرمين سبب موسمياتي تبديلين کي منهن نٿو ڏجي ها ته سمنڊن جو رنگ ڪهڙو هجي ها. نتيجن مان واضح ٿيو ته موسمياتي بحران سبب سامونڊي رنگ ۾ واضح تبديلي ٿي آهي محققن ٻڌايو ته لڳ ڀڳ سڄي دنيا جي سمنڊن جي رنگ ۾ تبديلي واضح آهي هيل تائين سائنسدان سڄي دنيا ۾ سمنڊن جي 56 سيڪڙو کان وڌيڪ پکيڙ تي رنگ جي تبديلين کي دريافت ڪيو آهي. محققن ٻڌايو ته گهڻن حصن ۾ "سائو رنگ" واضح آهي پر ڪجھ هنڌن تي ڳاڙهي يا نيري رنگ ۾ واڌ يا گهٽتائي ٿي رهي آهي. سمنڊن جون ڪهڙيون ڪهڙيون تباهه ڪندڙ تبديليون ناهن. پر ان سان اهڙين شاهدين کي هٿي ملي ٿي ته انساني سرگرمين عالمي حياتياتي ماحول تي ائين اثرانداز ٿي رهي آهي جن کي اسان سمجهڻ جوڳا ناهيون. ماهرن موجب ان دريافت سان موسمياتي تبديلين جي هڪ ٻئي اثر جو انڪشاف ٿئي ٿو. پر اهو واضح ناهي ته سمنڊن جي اندر اهڙو ڇا ٿي رهيو آهي جنهن سبب انهن جو رنگ تبديل ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته ان جو سبب ڄاڻڻ سان ان تبديلي جي ماحولياتي اثرن کي سمجهڻ ۾ به مدد سگهندي.

بقايا 33 ❊❊❊

کان وڌيڪ استادن کي گرفتار ڪيو ويو آهياستادن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. استاد ڪراچي پريس ڪلب تي احتجاج ڪري رهيا هئا جنهن دوران پوليس مٿن ڪڙڪي پئي پوليس 10 استادن کي گرفتار ڪري آرٽلري ٿاڻي منتقل ڪيو. پوليس جو چوڻ آهي ته ريڊ زون ۾ وڃڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، روڊ زون ۾ احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويندواستادن جو چوڻ آهي ته سڀني استادن کي نوڪري ڏيڻ واري تاريخ کان پڪو ڪيو وڃي، سينئر پرائمري استادن کي 17 هون گريڊ ڏنو وڃي. استادن جي تذليل جو سلسلو بند ڪيو وڃي، بائيوميٽرڪ ضلعي ليول تي ڪئي وڃياستادن چيو ته پرائمري اسڪولن ۾ گزيٽيڊ هيڊ ماستر مقرر ڪرڻ وارو شرط واپس ورتو وڃي، ٽريزري آفيسن ۾ رشوت وٺڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، رٽائرڊ ٿيندڙ استادن کي فوري پينشن جا پئسا ڏنا وڃن. لائيسنس پاليسي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي اهو قدم به واپس ڪيو وڃياستادن چيو ته گروپ انشورنس پاليسي جا پئسا رٽائرمينٽ جي فورن ڏنا وڃن. بدين جي استاد امتياز عمراڻي کي فوري طور تي بحال ڪيو وڃي.

بقايا 34 ❊❊❊

ءِ ڪوچ مصباح الحق پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته مينٽور عبدالرزاق، سي اي او عارف ملڪ، شهزاد احمد، ايس پي ايل ڊائريڪٽر آف ڪرڪيٽ آپريشنز نويد احمد، اڳوڻو ڪرڪيٽر عمران نذير، حسن رضا، مشهور اداڪار جاويد شيخ، سهيل سمير ۽ شا خان ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ موجود هئا. سنڌ پريميئر ليگ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ايس پي ايل ڪرڪيٽ کي هيٺ ٿيندو ۽ سنڌ جا نوجوان پنهنجي صلاحيتن جا جوهر ڏيکاري سگهندا. اسان کي منفي عملن جي بدران مثبت ڪمن جي حمايت ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته ماڻهو مصباح الحق جي خدمتن کي ياد نه ڪندا آهن پر شارٽس کي ياد ڪندا آهن. مصباح الحق جي ڪارڪردگي کي ياد رکڻ گهرجي، عبدالرزاق ڏکڻ آفريڪا خلاف هارايل ميچ کٽرايو هو. اسان کي پنهنجي ملڪ جو سوفٽ اميج ناهڻو آهي ۽ چاهيون ٿا ته ڪرڪيٽ ۾ پنهنجي صوبي جو مثبت اميج پيش ڪري سگهون. ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ٽيمين کي اسپانسر ملي چڪا آهن ۽ جوئينٽيم به اچي ويندي. سنڌ جي ٽيلينٽ کي سامهون آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت اسان سان گڏ آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن به شيءِ جي کوٽ ناهي. نفرت کي گهٽائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته تمام گهٽ مثال ملندي آهي ته اهڙي طرح بزنس مين ڪرڪيٽ کي سپورٽ ڪري رهيا آهن ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته سوئزرلينڊ جو سفير ڪراچي آيو هو. ان کي اسان کين پنهنجي ثقافت ڏيکاري، هو حيران ٿي ويا. هنن اسان جي اجرڪ ۽ اسان جي فنڪارن جي ڪارڪردگيءَ کي ڏٺو ۽ سنڌ جي ثقافت کي ساراهيو. ان موقعي تي ناليواري مشهور اداڪار جاويد شيخ چيو ته کيس ڪرڪيٽ سان تمام گهڻو پيار آهي. هن فلم انڊسٽري جي ڪرڪيٽيم به ناهي ۽ ان کي پروموٽ ڪيو. هن شوڪت خانم ڪينسر اسپتال جي چيريٽي لاءِ ميچون به ڪيون هن وڌيڪ چيو ته هن پارٽي فلم جنٽ ۾ بڪي جو ڪردار ادا ڪيو جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو. اسان سڀني کي گڏجي ايس پي ايل کي ڪامياب بڻائڻو آهي. منهنجي خواهش آهي ته هي ليگ انٽرنيشنل ليول تي به نالو ڪمائي. ان موقعي تي هن چيو ايس پي ايل جو ٽائيٽل اسپانسر الحيات گروپ جي سي اي او جهانزيب عالم حيدرآباد بهادرز جي فرنچائز خريد ڪري ورتي. جڏهن ته سنڌ پريميئر ليگ جو مينٽور عبدالرزاق ايندڙ ڏهاڙن ۾ ايس پي ايل لاءِ اندروني سنڌ ۾ ٽرائل وٺندا ۽ 35 رانديگرن جي چونڊ ڪندا. ايس پي ايل جي ڇهن مان 3 فرنچائزز لاڪ ٿي چڪيون آهن ڪراچي غازيز، حيدرآباد بهادرز ۽ بينظيرآباد جي فرنچائزز وڪرو ٿي چڪيون آهن مصباح الحق حيدرآباد بهادرز جو هيڊ ڪوچ ۽ شعيب ملڪ آئيڪن پليئر هوندا.

بقايا 35 ❊❊❊

سفارتي ذريعن موجب واشنگٽن ۾ عمارت جي وڪري لاءِ واڪ ڏنو ويو. پراڻي عمارت ڏهڪي عرصي کان خالي هئي ۽ پاڪستاني حڪومت کي ٽيڪس جي مد ۾ لکين ڊالر ادا ڪرڻا پئجي رهيا هئا.

ڪنڌڪوٽ ۾ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل ايس ايڇ او جي بازيابي لاءِ وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

محمد مهر، پوليس اهلڪار نبي داد منگي، غلام سرور چاچڙ جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

مغوين جي وارثن اظهر مهر، محمد مراد مهر، ميا داد منگي، محمد نواز منگي جي اڳوڻي ۾ ڌرڻو هنيو

انسپيڪٽر گل محمد مهر کي ساٿين سميت بازياب ڪرايو وڃي، نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: چتاءُ

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ پوليس 8 ڏينهن اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل ايس ايڇ او ڪشمور گل محمد مهر، پوليس اهلڪار نبي داد منگي، غلام سرور چاچڙ جي بازيابي لاءِ وارثن اظهر مهر، محمد مراد مهر، ميا داد منگي، محمد نواز منگي جي اڳوڻي ۾ سوين ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ 8 ڏينهن گذري چڪا آهن اڃا تائين اسان ڀاءُ انسپيڪٽر گل محمد مهر ساٿين سميت اڃا تائين بازياب نه ٿيو آهي، هنن چيو ته گل محمد مهر ڪشمور ٿاڻي جو ايس ايڇ او پڻ آهي هن کي پوليس انتظاميہ اڃا تائين بازياب نہ ڪرائي سگهي آهي، هنن چيو ته اسان جي گهرن ۾ انتهائي پريشاني وارو منظر پڻ آهي، هنن وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاه، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي عرفان علي سمون کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيون ٿا ته انسپيڪٽر گل محمد مهر کي ساٿين سميت بازياب ڪرايو وڃي، نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

پ ٽ الف ڪراچي نڪتل پيادل لانگ مارچ تي پوليس تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس ۽ رينجرس طرفان تشدد خلاف پ ٽ الف بدين طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

استادن تي وحشياڻي تشدد سنڌ حڪومت جي استاد دشمني کي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

استادن تي تشدد ڪري ڪين قيد ڪرڻ حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسي جو حصو آهي: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) پ ٽ الف جي سڏ تي پٽ شاه کان ڪراچي تائين پيادل لانگ مارچ جي ڪراچي پهچڻ تي ڪراچي انتظاميا جي طرفان استادن تي پوليس ۽ رينجرس طرفان تشدد خلاف پ ٽ الف بدين طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻن بابو خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت جي طرفان استادن سان ڪيل معاهدي جي ترتيب لاءِ احتجاج ڪندڙ استادن تي وحشياڻي تشدد سنڌ حڪومت جي استاد دشمني کي ظاهر ڪري ڇڏيو آهي استادن جي منظور ڪيل مطالبن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ بدران استادن تي تشدد ڪري ڪين قيد ڪرڻ حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسي جو حصو آهي هنن چيو ته گرفتار استادن کي آزاد ڪري طئي ڪيل معاهدي تي عمل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سنڌ حڪومت جي خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو.

سکر ۾ جي يو آءِ اڳواڻن جي وفد پاران ڊي ايس پي سٽي انور علي شيخ سان ملاقات

مفتي اعظم مهر، مولانا عبدالغفور پٽو، مولانا جميل احمد لغاري، مولانا مسعود احمد ملاقات ڪئي

عوام جي جان مال عزت آبرو جي حفاظت ڪرڻ پوليس جي ذميوري آهي: ڊي ايس پي سٽي انور علي شيخ

عوام جي لاءِ منهنجي آفيس جا 24 ڪلاڪ در کليل آهن. انهن جي مسئلن کي فوري طور حل ڪنداسين

سکر(بيورو رپورٽ)جي يو آءِ سٽي سکر جي وفد جي ڊي ايس پي سٽي انور علي شيخ سان عوامي مسائل ۽ امن امان جي صورتحال بابت اهم ملاقات، جنهن ۾ جي يو آءِ سٽي سکر جي ترجمان مفتي اعظم مهر، مولانا عبدالغفور پٽو ، مولانا جميل احمد لغاري، مولانا مسعود احمد حقاني ، مولانا محمد دين سولنگي، چاچر خليل احمد، چاچر شعيب احمد سميت ٻيا اڳواڻ شامل هئا . ملاقات دوران جي يو آءِ سٽي سکر جي سيڪريٽري اطلاعات مفتي اعظم مهر ۽ ٻين اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته عوام جي جان مال عزت آبرو جي حفاظت ڪرڻ پوليس جي ذميوري آهي، شهر اندر وڌندڙ موٽرسائيڪل جي چورين جي وارداتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي، عوام ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي . ان موقعي تي ڊي ايس پي سٽي انور علي شيخ، جي يو آءِ وفد سان ڳالهائيندي چيو ته عوام جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي . عوام ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو ويندو، عوام جي لاءِ منهنجي آفيس جا 24 ڪلاڪ در کليل آهن . انهن جي مسئلن کي فوري طور حل ڪنداسين . ايس ايس پي سنگهار علي ملڪ جي حڪم تي شهر جي اندر امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو آهي . چورين ۽ ڦرلٽ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي . هن چيو ته پوليس پنهنجي ذميواري پوري ڪندي ڊيوٽي دوران پوليس جي ڪنهن به آفيسر يا اهلڪار ڪوتاهي ڪئي ته تنهن کي بخش نه ڪيو ويندو. ڊي ايس پي سٽي انور علي شيخ جو وڌيڪ چوڻ هو ته محرم الحرام ۾ علماءِ اڪرامن جو تعاون بي حد ضروري آهي ، محرم الحرام ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويندا . ان موقعي تي اي سيڪشن جو ايس ايڇ او اقبال احمد ڊومڪي ، بي سيڪشن جو ايس ايڇ او منصور حطار شامل هئا.

زرعي زمين تي قبضو ڪرائي منهنجي ساهرن جي گهرن تي حملو ڪري عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو آهي هنن ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ايس ايڇ او تلهار ۽ ٽنڊوباگو کي اپيل ڪئي آهي ته مون جي اغوا واري ايف آئي آر ڪوڙي قرار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ زمين تان قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا 34 سنڌيار

دشتي اطلات سيڪريٽري ديوڊ لطيفي ۽ آفيس سيڪريٽري لاءِ عبدالله بخش راڄڙي پنهنجي عهدن جا فارم ورتا مقرر ڪيل ٽائيم تائين ڄاڻايل عهديدارن جي سامهون ٻئي ڪنهن به فارم نه ورتا جنهن بعد چيئرمين اليڪشن ڪميشن سينيئر صحافي اسد پتافي ڄاڻايل عهديدارن جي بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن موجب ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي سال 2023/24 لاءِ صدر ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي لاءِ تنوير احمد مهر سينيئر نائب صدر محمد اشرف مغل نائب صدر برڪت علي شر جنرل سيڪريٽري طاهر عباس چوهاڻ جوائنٽ سيڪريٽري اسد علي شر خزانچي برڪت علي دشتي اطلات سيڪريٽري ديوڊ لطيفي آفيس سيڪريٽري عبدالله بخش راڄڙي جي بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪيو هن موقعي تي نئين چونڊيل صدر تنوير احمد مهر چيو ته انشاءَ الله پنهنجي صحافي دوستن کي گڏ ڪٺي هلندس ۽ پنهنجي صحافين جو تحفظ ڪرڻ بچائيندو آهيان هن چيو ته ڏهرڪي پريس ڪلب جي دوستن کي گهرجي ته هو مثبت صحافت ڪن هن چيو ته تمام جلد ڪامياب عهديدارن جي حلف کڻڻ واري تقريب منعقد ڪئي ويندي

بقايا 35 سنڌيار

ڊي آءِ جي جاويد احمد جسڪاڻي، رينجرز جي ميجر خبيب . سکر، خيرپور، گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز، ايس ايس پيز ، ڊي ايڇ اوز، ايگزيڪيٽو انجنيئر سيپڪو، سئي گيس انجنيئر، شيعه، سني علماءِ ڪرام، اڳواڻ ۽ ٻين [illegible]

ڪمشنر آفيس ۽ لاڳاپيل ڊي سي آفيسن کي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪندي ڪانٽي جنسي پلان تي سختي سان عمل درآمد تي زور ڀريو. ڪمشنر سکر ڊويزن بجلي ۽ گيس جي فراهمي، صفائي ستراڻي، روڊ رستن جي مرمت، جلوسن جي روٽس تي اسٽريٽ لائٽ بحال رکڻ بابت انتظام مڪمل ڪري رپورٽ ڊپٽي ڪمشنرن ذريعي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڊي آءِ جي سکر چيو ته مجلسن، جلوسن ۽ امام بارگاهن جا منتظمين رواداري جو ثبوت ڏيندي پوليس ۽ رينجرز سان گڏ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان سهڪار ڪن. ڊي آءِ جي سکر ٻڌايو ته ٽنهي ضلعن ۾ امام بارگاهن محرم جا جلوس ۽ مجلسن ۾ هر سطح تي نظر رکندي پلان مطابق عمل ڪرائڻ پوندو ته جيئن امن امان سان محرم گذري. رينجرز جي ميجر خبيب اجلاس ۾ چيو ته سمورن ڪاتن جي گڏيل طور رٿا بندي تحت ڪم ڪرڻ ٻهرين ترجيح هوندي محرم الحرام دوران داخلي ۽ خارجي رستن جي سخت چيڪنگ ڪئي ويندي ۽ محرم دوران ضابطہ اخلاق تي پابندي ڪرڻي پوندي. هن چيو ته سوشل ميڊيا تي دل آزاري ڪرڻ جي هرگز اجازت نه هوندي اهڙي عمل ۾ ملوث ماڻهن خلاف سرڪاري توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا فوري ايڪشن ڪندا. هن مذهبي اڳواڻن سان اپيل ڪئي ته هو قانون هٿ ۾ کڻڻ کان پاسو ڪندي لاڳاپيل ادارن کي اطلاع ڏين ته جيئن اثرائتي ڪاروائي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور جي ڊپٽي ڪمشنرن، ميونسپل ڪمشنر، ڊي ايڇ اوز، سيپڪو، سئي گيس سميت تمام کاتن جي آفيسرن تفصيل سان بريفنگ ڏني.

بقايا 36 سنڌيار

ديهن ڏيه پير مصري، ڏيه بخشو ڪلوئي، ڏيه ڏ، ڏيه ٽنڊو باگو ، ڏيه ڪاڏو جي هزارين ايڪڙن تي مشتمل زرعي زمينن ۾ بيٺل فصلن ۽ سوين ڳوٺن جي لاءِ خطرو بڻيل گذريل سال 2022 ۾ لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي واري واري ڪر ۾ ڊرينج بدين جي ڪامورن ۽ ٺيڪيدارين جي پاڻ ۾ ملي ڀڳت هٽڻ سبب لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي جي [illegible]

دفعا ڊرينيج ڪاٽي بدين ڊويزن جي ڪامورن کي شڪايتون ڪيون آهن ۽ چونڊيل نمائندن کي درخواستون ۽ دانهون پڻ ڏنيون آهن پر ڪو به ڪن تيل نه تڪنو ۽ لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا پرامن احتجاج ڪيا آهن پر ان احتجاجن تي نه ڊرينيج ڪاٽي جي ڪامورن ۽ نه ئي هتان جي چونڊيل نمائندن ڪو توجه ڏنو آهي ٽنڊو باگو شهر پرسان گذرندڙ لنڪ سر نالو 16 اي ايل 1999 جي ساموندي طوفان 2003، 2011 ۽ 2020 ۽ 2022 واري مها ٻوڏن ۾ تعلقي ٽنڊو باگي جي ديهن ديه پير مصري، ديه بخشو ڪلوئي ديه ڪاڏو ديه ٽنڊو باگو ۾ آبادگارن جا پوکيل فصل سؤ سيڪڙو تباه ڪري ڇڏيا ۽ ڪيترن مهينن تائين ڳوٺن ۾ برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب ڳوٺن جا ڳوٺاڻا دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بنيل رهيا. هن لنڪ سر نالي 61 اي ايل تباهين جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏڻ باوجود ڊرينيج ڪاٽي جا ڪامورا هن لنڪ سر نالي جي ڪاٽي ڪرائڻ جي لاءِ تيار نه آهن لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي توڙي ري ماڊلنگ جي مد ۾ ايندڙ هر سال ڪروڙين روپيا ڊرينيج ڊويزن بدين جي ڪامورن ۽ ٺيڪيدارن جي ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃن سر زمين تي ڪاري وارڪڪ آهن تعلقي ٽندي باگي جي ديهن ۽ ڳوٺن کي ڊرينيج ڪاٽي جي ڪامورن ۽ سياسي پوتارن هٿ سان تباه ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. گذريل 25 سالن کان سر نالن جي ڪاٽي جي مد ۾ ايندڙ اربين روپيا ڪرپشن ڪري ڳڙڪائيندڙ ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪري سنڌن احتساب ڪري ڪاڏل رقم واپس ڪرائي وڃي ٻي طرف تعلقي ٽندي باگي جي آبادگارن ۽ لاڙ آبادگار فورم جي اڳواڻ نصرالله جروار، نويد منگواڻو خير محمد چانديو، حسين بخش چانيهو، ڪانديرو ربياري، لکو ربياري، محمد جمن چانيهو، محمد جمن منگواڻون سجاد نيعلي چانيهو، بابو چانديو ، رمضان چانديو، غلام رسول چانديو، منصور جروار، ۽ ٻين روزاني سنڌ يار اخبار سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي بدين ۾ پيهانڪ تباهي مچائيندڙ 1999جي ساموندي طوفان 2003، 2011، 2020 ۽ 2022جي ايندڙ شديد برساتي ٻوڏن سبب هن لنڪ سر نالي 16 اي ايل تعلقي ٽندي باگي ۾ وڏي تباهي آندي آهي پر هر سال مون سون جي برسات ۾ پڻ هي لنڪ سر نالو هر سال آبادگارن جي پوکيل زرعي فصل کي شديد نقصان ڏيندو رهي [illegible]

چوندي وٺي ان کان پوءِ سڀني دوستن خطاب ڪيو ته سردار شاهنواز خان عباسي ڪلهوڙو سان هر وقت گڏ آهيون.

بقايا 26 سنڌيار

ٻارڙن جي قاتلن کي سزا ڏيارڻ لاءِ ڏار ڏار احتجاج ڪندي ڪارڪنن شاهي بازار مان احتجاجي مظاهرو ڪندي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي بابل لطيف ڪوسو پير سجاد حسين اڪبر ڪوسو يوسف عمراڻي گلزار ملاح محرم خاصخيلي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت گهوٽڪي ۾ امن جو پڪي اڏامڻ سبب ظالم جوابدارن معصوم پاه پيڻ کي اغوا ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو ۾ پوليس جوابدارن کي گرفتار ته پٽي ڪري فوري طور ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 27 سنڌيار

۾ ٿر جي ڪاهوڙي ڪردار ۽ تاريخدان ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي جي اوچتي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. هنن چيو ته ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي ٿر جي تاريخ جو نه رڳو ڄاڻو هو پر ياد حافظ پڻ هو جنهن کي ٿر جا ماڻهو ڪڏهن وساري نه سگهندا

بقايا 28 سنڌيار

شرط ختم ڪري 2012 ع کان آسري ۾ ويٺل بيروزگار هزارين اسٽاڪ اسسٽنٽ نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي امداد حسين منگي چيو ته اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڪورس جي داخلا مشترڪ جي بنياد تي ٿيندي آهي ان ڪري ڀرتي به مشترڪ جي بنياد تي آءِ بي اي سڪر ٽيسٽ جي معرفت ڪئي وڃي پر سنڌ حڪومت ٻڌرائي ڪئي آهي ته اسٽاڪ اسسٽنٽ ڪان گريجوئيشن ٽيسٽ مطابق ڀرتي ڪئي ويندي جيڪا سراسر اسٽاڪ اسسٽنٽ سان ناجائزي آهي احتجاج ڪندڙ سپوا يوٿ ونگ سنڌ جي چيئرمين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صوبائي وزير عبدالباري پتافي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ ۽ ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ کان مطالبو ڪيو ته اسٽاڪ اسسٽنٽ جي ڀرتي لاءِ گريجوئيشن جو شرط ختم ڪري مشترڪ جي بنياد تي آءِ بي اي ٽيسٽ معرفت ڀرتيون ڪيون وڃن.

بقايا 29 سنڌيار

مدرسي ۾ ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي آهيان، منهنجو ڪولهي مذهب ۾ حنا نالو رکيل هو، هاڻي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ منهنجو نالو سلما رکيو ويو آهي، مسلمان ٿيڻ کان پوءِ مان سڪندر علي رند ويٺل نصير آباد بلوچستان سان خيرپور جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي، پرڻي کان پوءِ مائٽ ناتجي ڪولهي، شنڪر ڪولهي، شويرام ڪولهي ،ڀيهراج ڪولهي ۽ هيرو ڪولهي ناراض ٿي ويا آهن. جن مان اسان کي خطرو رهي ٿو هن وڌيڪ ٻڌايو ت مون کي ڪنهن ب اغوا نه ڪيو آهي مان تن ڪبڙن سان راضي خوشي وڃان گهران نڪري سڪندر علي رند سان گڏ رهڻ جو وچن ڪري ڇڏيو آهي. سلما وڌيڪ ٻڌايو ت منهنجي مڙس ۽ انهن جي مائٽن تي اغوا جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن. ڪيس کي ڪوڙو سمجهيو وڃي، هن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين انساني حقن جي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ت داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 30 سنڌيار

ڏيارايي اسان جي پنهنجي برادري جي ماڻهن خالد عالماڻي رشيد عالماڻي شوڪت عالماڻي شاهد عالماڻي رياض عالماڻي شهباز عرف راجو عالماڻي پنهنجي هٿيار بند ماڻهن سان گڏجي اسان جي گهر جي اندر داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي اسان مٿان حملو ڪري ڏنو حملو ڪندڙن لٺين ڪهاڙين ۽ پسٽل جي ٻٽن جا وار ڪري سجاد علي : جواد علي ۽ وحاهد علي کي سخت زخمي ڪيو آهي 0 جن کي ٻاڙي جي ماڻهن پاران سول اسپتال مورو پهچايو ويو جتي جواد علي عالماڻي جي جي طبيعت انتهائي خراب هجڻ ڪري ڪيس نوابشاه اسپتال منتقل ڪيو ويو جيڪو گذريل ڏينهن اسپتال مان موڪل ملڻ تي گهر بهتر آهي اهڙو اطلاع حد جي پوليس کي ڏنو ويو مگر حد جي پوليس طرفان هن مهل تائين ڪابه ڪاروائي نه ڪئي وئي آهي 0 هنن الزام هڻندي چيو ت حملو ڪندڙ ڌر جو شهباز عرف راجو ڪيترن ئي ڏوهن ۾ گهربل پڻ آهي ۽ ڪيترائي دفعا جيل ب پڻ ڪاٽي چڪو آهي جنهن جي ڏوهن بابت قبولداري جي وڊيوز ب سوشل ميڊيا تي موجود آهن هنن الزام هڻندي اهو ب چيوت حملو ڪندڙ ڌر اڳ ۾ ب پنهنجي برادري جي هڪ خون جي ڪيس ۾ ب ملوث پڻ آهن ۽ هاڻي اسان مٿان ب حملو ڪري جان سان مارڻ جو ڪوشش پڻ ڪيي آهي احتجاج ڪندڙ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد سميت ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي آهي ت معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين تحفظ ڏياريو وڃي سنڌن کي جان جو خطرو آهي0

بقايا 31 سنڌيار

آهي هن ڀيري ب بلدياتي اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو اميدوار حبيب الرحمان ڪوريجو ڪامياب ٿيو وارڊ مڪمل گندگي جو ڍير بڻجي ويو ڪو ب ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو ۾ نالين جو پاڻي رستن تي بيٺل هئڻ ڪري علائقي واسي سخت مشڪلاتن ڪي منهن ڏئي رهيا آهن علائقي واسين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنهن ب چونڊيل نمائندي وارڊ نمبر 10 سونارا محلا گل محمد جويو گهٽي جا رهواسي گندگي ۾ رهڻ تي مجبور آهيون هنن جو چوڻ هو ته اسان پ پ پ جا ووٽر آهيون اسان جي وارڊ ۾ ڪافي آزاد اميدوار ۽ مختلف پارٽين جا اميدوار هلي آيا تنهن هوندي ب اسان پنهنجو قيمتي ووٽ پ پ پ جي اميدوار کي ڏئي ڪامياب ڪرايو پوءِ ب اسان جي ووٽ جو قدر نه ٿي سگهيو علائقي واسين ضلع دادو جي پ پ پ قيادت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪري ڇڏي.

بقايا 32 سنڌيار

حسين شاهه، ڏاڏا ديدار حسين، اشفاق مهر، هدايت الله ڪوراڻي، نذر محمد ميمڻ، عبدالمالڪ سومرو، خليل ڊومڪي، عبدالخالق سومرو، عباس علي شاهه ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته بجلي کاتو هڪ حساس ادارو آهي ۽ اهو هڪ لڪيل دشمن آهي جيڪو نظر نٿو اچي، تنهن ڪري لائن مين جي حيثيت سان ڪم ڪندي پنهنجي جان جي حفاظت ڪن ۽ مڪمل حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن ۽ ٽي ايند پي استعمال ڪن چوته جان آهي ته جهان آهي ۾. تقريب ۾ شهيد ٿيل لائين مينن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ سندن خدمتن جي عيوض دعا ڪئي وئي. تقريب ۾ سيپڪوجي سمورن ڪاتن جي ملازمن ۽ سب ڊويزن جي آفيسرن ۽ ڪارڪنن جو وڏو انگ موجود هو بعد ۾ پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ورڪرز يونين (سيپڪو) پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي خلاف ريلي ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي سکر سکر ريجن جي اڳواڻ شجاعت علي گهمرو، سيد زاهد شاهه،نذر محمد ميمڻ ۽ ٻين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته سويڊن ۾ پيش آيل واقعي سڄي دنيا جي مسلمانن جا جذبا مجروح ڪيا آهن، اسان پنهنجي جان قربان ڪري سگهون ٿا پر نبي ڪريم صہ ۽ قرآن پاڪ جي بي حرمتي برداشت نه ٿا ڪري سگهون. اسان پاڪستان حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته فوري طور نوٽيس وٺي سويڊن جي سفير کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي ۽ ان سان سمورا لاڳاپا ختم ڪري گڏيل قومن ۾ سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ته جيئن اسلام دشمن قوتون مستقبل ۾ اهڙو بزدلاڻو عمل نه ڪري سگهن.

بقايا 33 سنڌيار

ڪرڻ بعد تحفظ لاءِ نئونڪوٽ پريس ڪلب پهچي ويا ان موقعي تي ناري بشيران خاصخيلي چيو ته مون کي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو آئون پنهنجي رضا خوشي سان ارشد علي چانڊيو سان پيار جي شادي ڪئي آهي ناري چيو ته منهنجا والدين ڪافي سالن ڪان فوت ٿي ويا آهن منهنجا ڀاءُ نظير ۽ وزير خاصخيلي مون تي تشدد ڪندا هئا ۽ مونکي هڪ پوڙهي شخص سان پرڻائي رهيا هئا جيڪا ڳالهه مون کي پسند نه هئي هاڻ منهنجا ڀاءُ ۽ ٻيا مائٽ نصر اڪبر غلام حسين خاصخيلي چاڪر ڪلوئي بجل ڪلوئي مون جي مڙس تي اغوا جو ڪوڙو ڪيس ڪرائي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته ڄاڻايل ماڻهون اسان جي ڪڍ پئجي ويا آهن جن مان اسان کي هر وقت جان جو خطرو آهي اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون. ناري چيو ته منهنجي ڀائرن چاڪر ڪلوئي ۽ بجل ڪلوئي کي ڀيسا ڏئي منهنجي مڙس جي

عيوض چوٽ ڏئي ڇڏي آهي هنن چيو ته جيسيتائين موٽر سائيڪل واپس نه ڪرايو ويو ته اسان جو ڌرڻو جاري رهندو

بقايا 20 سنڌيار

معزز سيٺ اعتبار سيٺار وٽ ميڙ منٿ قافلي وٺي پهتو جنهن ۾ الهداد خان عالماڻي، وڪيل گلزار عالماڻي، عزيز احمد سنگراسي، استاد محمد ياسين عالماڻي، طالب حسين ڪانڊڙو، پير مظفر علي، محمد بخش عالماڻي، راڻو خان عالماڻي، جسقم اڳواڻ جگديش ڪمار، ايس ٽي پي اڳواڻ غلام عباس ڪوڪر، حاجي گلبهار سوهو، ايس يو پي اڳواڻ محمد ياسين سومرو، ايس ايڇ او مشتاق عالماڻي، منار مري، صحافي صادق علي زرداري، صحافي نازن خان عالماڻي ۽ ٻيا موجود هئا. ميڙ منٿ قافلي جهيڙي کي روڪڻ ۽ وڌيڪ جهيڙو نه ڪرڻ لاءِ هڪ ڌر جي چڱي سيٺ اعتبار سيٺار کي هٿ جوڙي اپيل ڪئي ته وڌيڪ معاملي کي نه وڌايو وڃي ۽ جهيڙو نه ڪيو وڃي جنهن تي اعتبار سيٺار آيل قافلي کي يقين ڏيارايو ته وڌيڪ مسئلو نه وڌايو ويندو ۽ ڌرين جا ڪيس داخل ٿيل آهن اسان جا ماڻهو ڪورٽ ۾ آهن ڪجه ڏينهن بعد فيصلي بابت برادريءَ جي ماڻهن سان صلاح مشورو ڪري ورندي ڏيندس. جنهن بعد قافلي ۾ شريڪ ماڻهن پاران علائقي جي امن سلامتي لاءِ دعا گهري وئي. ياد رهي ته هڪ هفتو اڳ پيار جي پرڻي جي معاملي تان ڌرين م جهيڙي سبب هڪ معصوم نينگري خوشبو سيٺار، نوجوان عبدالرزاق سيٺار قتل جڏهن ته چار ڄڻا سخت زخمي ٿيا هيا جنهن بعد ڌرين م سخت تناءُ پکڙيل هيس

بقايا 21 سنڌيار

مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙ استادن تي ٿيل پوليس گردي ۽ تشدد جي مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته سماج ۾ استاد ڪرنگهي جي هڏي وانگي اهم ڪردار رکي ٿو. استادن ڪان تعليم ڪان علاوه ٻيون به ونگارون ورتيون وڃن ٿيون. پر انهن جا جائز مطالبا ڪڏهن به تسليم نٿا ڪيا وڃن. هنن چيو ته استادن جا جائز مطالبا نه مڃيا ويا ۽ گرفتار ڪيل استادن کي آزاد نه ڪيو ويو ته تعليمي سرگرمين جو بائيڪاٽ ڪري پيهر روڊن تي هونداسين.

بقايا 22 سنڌيار

۾ گهر ۾ گهڙي ٻارن مٿان تشدد ڪري گهر مٿان قبضو ڪيو آهي گهر خالي ڪرائي ڏنو وڃي متاثر خاندان علائقي واسين سان گڏجي ڊي آءِ جي اولڊ جي آفيس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري قبضہ مافيا خلاف سخت احتجاج ڪيو متاثر خاندان جي وقار احمد ميڊيا آڏو داهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس جي ملي ڀڳت سان رات جي انڌيري ۾ هٿياربندن محمد ابرا ، عمران اختر حسين، عابد ڪوڪر، شهزاد ۽ ٻين گهر مٿان قبضو ڪيو آهي هن چيو ته پوليس ڪيس داخل ڪرڻ ۽ گهر خالي ڪرائي ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي سنڌس چوڻ هو ته پوليس ڊي آءِ جي جونالو استعمال ڪري اسان کي ٿاڻي مان ٻاهر ڪڍيو ويو آهي متاثر خاندان وزيراعلي سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي اولڊ کي اپيل ڪئي آهي ته گهرمٿان قبضو ختم ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 23 سنڌيار

رهيا آهن. اهڙو اظهار هن سکر پريس ڪلب ۾ ايچ آءِ وي سينيزيٽيشن سيشن ايچ آءِ وي/ايڊز مهر جي سلسلي معنقد تقريب کي جاڻ ڏيندي ڪيو تقريب ۾ ڊبليو ايڇ او جي نمائندي ڊاڪٽر غوث، جبار خان ۽ ٻين ماهرن شرڪت ڪئي.ڊاڪٽر محمد نعيم وڌيڪ جاڻ ڏيندي ٻڌايو ته گزريل ٽن مهينن دوران سنڌ جي 29 ضلعن ۾ 15 هزار ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي، جنهن ۾ 150 ماڻهن ۾ ايڇ آءِ وي مثبت آئي آهي. جن کي دوائون فراهم ڪيون پيون وڃن. نعيم خان چيو ته سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي پاران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ايچ آءِ وي اسڪريننگ لاءِ الڳ ڪائونٽر قائم ڪيا ويا آهن. جتي جديد ڪٽس پڻ موجود آهن. نتيجا پن ڪان پنج منٽن ۾ ملي ويندا آهن ۽ هاڻي موبائيل سروس ذريعي ٽيمون ڏورانهن علائقن ۾ وڃي هرفرد جي اسڪريننگ ڪري رهيون آهن. اها ڪا خراب ڳالهه يا خوف جي ڳالهه ناهي هر انسان کي پنهنجي صحت بابت مڪمل ڄاڻ هجڻ گهرجي. ڊاڪٽر نعيم چيو ته اڳ ۾ ٽي بي ۽ هيپاٽائيٽس جو مرض مشڪل هو پر هاڻي ماڻهو پنهنجو ٽيسٽ پاڻ ڪرائن ٿا ۽ ايچ آءِ وي ايڊز جو به علاج ممڪن آهي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي بس ٽيسٽ ڪرايو ڊاڪٽر نعيم خان چيو ته پاڪستان جي آبادي تيزي سان وڌي رهي آهي. ڊاڪٽر محمد نعيم خان انڪشاف ڪيو آهي ته اڪثر ڊاڪٽر تشخيص کان اڳ مريض کي هيوي ڊوز ڏيندا آهن . جنهن سان مريض کي سخت نقصان ٿيندو آهي. جڏهن ٽيسٽ رپورٽ اينڊي آهي ته عام دوائن جو ڪو به فائدو ناهي ٿيندو اها وڏي جهالت ۽ ظلم آهي. دنيا ۾ ڪٿي به اهڙو رواج ناهي. ان رواج جو خاتمو ٿيڻ گهرجي.

بقايا 24 سنڌيار

نوشهروفيروز آمد تي ڊي ايس پي هيڊڪوارٽر عبدالحفيظ عباسي، سمورن برانچن جي سربراهن ۽ ٻين اعليٰ پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز سٽي امداد علي سولنگي ۽ آفيس سپرٽينڊنٽ ولي محمد سومرو سميت ايس ايس پي آفيس جي آفيسرن چاقوبند اسڪواڊ پاران شاندار آجيان ڪئي ۽ سلامي ڏني بعد ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز صدارم حسين ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز جي سمورن انچارج برانچن سان تعريفي گڏجاڻي ڪئي. ايس ايس پي نوشهروفيروز پنهنجي بيان ۾ چيو ته امن امان جي بحالي، عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ متاثرن کي بروقت انصاف فراهم ڪرڻ اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. منهنجي آفيس جا دروازا عوام جي بهترين مفاد ۾ 24 ڪلاڪ کليل آهن. ڏوهن، سماج دشمن عناصرن ۽ منشيات فروشن، انڊڪورو ۽ اشتهاري ماڻهن جي خلاف جاري ڪريڪ ڊائون ۾ نوشهروفيروز ضلعي کي فرنٽ لائين تي رهندي ضلعي کي منشيات ۽ ٻين برائين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻيندس. جنهن ۾ مان پنهنجو ڪردار ادا ڪندس. هڪ بهتر سماج، مان عوام ۽ صحافي برادري کي به اپيل ڪريان ٿو ته اهي لڪيل ڏوهاري عنصرن خلاف جاري مشن ۾ پوليس جو ڀرپور ساٿ ڏين. جيڪو به امن امان خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ان خلاف بروقت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. قانون سڀني لاءِ برابر آهي. ڪو به قانون کان مٿاهون ناهي. آءِ جي ڪاتي سان ملاقات ڪري ميرٽ جي بنياد تي آرڊر جاري ڪري مسئلن جي حل لاءِ بروقت ڪارروائي ڪئي ويندي. پوليس ڪاتي سان لاڳاپيل. پنهنجي حدن اندر ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۽ امن و امان کي برقرار رکڻ ۾ ناڪام ٿيندڙ پوليس آفيسرن خلاف ڊپارٽمينٽل ايڪشن ورتو ويندو جڏهن ته سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس اهلڪارن جي حوصلا افزائي ۽ انعام پڻ ڏنا ويندا.

بقايا 25 سنڌيار

عباسي صوبا سنڌ جي آمد نوشهروفيروز ان موقعي تي رئيس علي گل عباسي چيئرمين ، رئيس شاهد حسين عباسي پروفيسر ارشاد احمد ڪلهوڙو جوائنٽ سيڪريٽري صوبا سنڌ ، وڏيرو اصغر ڪلهوڙو ، رئيس شير خان ڪلهوڙو سينئير نائب صدر ضلع نوشهروفيروز محمد ياسين عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ضلع نوشروفيروز ، خالد حسين ڪلهوڙو جوائنٽ سيڪريٽري ضلع نوشهروفيروز ،اشفاق احمد عباسي رابط سيڪريٽري ضلع نوشهروفيروز ظفر علي ڪلهوڙو سٽي صدر ڪنڊيارو ، شاه محمد ڪلهوڙو تعلقہ صدر نوشهروفيروز ، ايڊووڪيٽ شڪيل احمد ڪلهوڙو نائب صدر تعلقہ نوشهروفيروز ،فقير غلام حسين ڪلهوڙو جنرل سيڪريٽري سٽي پڙيا روڊ ، صابن خان ڪلهوڙو سٽي صدر پڙيا روڊ ، خير محمد ڪلهوڙو جنرل سيڪريٽري تعلقہ پڙيا ، ولي محمد ڪلهوڙو رابط سيڪريٽري تعلقہ پڙيا ، غلام مصطفي ڪلهوڙو نائب صدر تعلقہ پڙيا ، اسرار احمد عباسي رابط سيڪريٽري تعلقہ نوشهروفيروز ، شوڪت ڪلهوڙو ڪنڊيارو پريس سيڪريٽري سٽي ڪنڊيارو ، بجل ڪلهوڙو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ، عبدالحفيظ ڪلهوڙو تعلقہ عهديدار ۽ عباسي ڪلهوڙا پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سردار شاهنواز خان عباسي ڪلهوڙو چيو ته تنظيم کي پوري ضلع نوشهروفيروز ۾ هر يوسي کي مضبوط ڪيو ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪيو پنهنجي اولاد کي ديني تعليم ڏياريو ۽ تعلقہ نوشهروفيروز جي مڪمل باڊي

سر نالو ابتو وهي اور ٽاپ تي پلٽجي گهارا وجهي تباهي مچائيندو رهي ٿو ۽ شديد پوندڙ برساتن سبب هي لنڪ سر نالو ٻوڙڻ جو سبب بنجي هن علائقي ۾ وڏي تباهي آڻيندو رهي ٿو هن لنڪ سر نالي جي ڪاٽي، صفائي ۽ ري ماڊلنگ جي مد ۾ هر سال ڪروڙين روپيا اچن ٿا پر هن لنڪ سر نالي جي ڪاٽي، صفائي ۽ ري ماڊلنگ صرف ڪاغذن ۾ ڏيکاريل هوندي آهي پر سر زمين تي هن لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي، صفائي ۽ ري ماڊلنگ جو ڪو به ڪم ٿيل نه هوندو آهي هنن مطالبو ڪيو ته هنگامي بنيادن تي لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي ڪرائي وڃي ڪاٽي جي مد ايندڙ اربين روپيا هضم ڪندڙ ڊرينيج ڪاٽي جي ڪامورن جو احتساب ڪري نيب ۾ ڪيس داخل ڪري ملڪ ۽ قوم جو پئسو لٽيندڙ ڪامورن کان پئيسا واپس ڪرايا وڃن هنن چيو ته هڪ هفتي اندر لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي جو رهيل ڪم شروع نه ڪيو ويو ته ٽندو باگو جهڏو روڊ تي لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي موري تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري نه کٽندڙ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو.

بقايا 14 سنڌيار

مهر ڏهرڪي واري علائقي ۾ ٽريڪٽر ٽانڪي جي شافٽ ۾ ڪپڙو وچڙڻ سبب فوت ٿي ويو پورهيت نوجوان ڏهرڪي جي علائقي 06 نمبر ڪوه تي مزدوري سانگي ٽريڪٽر ٽانڪي ذريعي چڪڪار ڪندر هو جيئن ئي معمول موجب ٽريڪٽر ۽ ٽانڪي ڪڍي پاڻي ڀري رهيو هو ته پاڻي ڀرڻ دوران هلندڙ ٽريڪٽر ٽانڪي جي شافٽ ۾ سنڌس ڪپڙو وچڙي ويو ۽ پورهيت ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو جيڪي ڳوٺ کان ڏهرڪي روانا ٿي ويا ۽ لاش ڪٺائي اوچيٽر ويجهو اباڻي ڳوٺ آندو ته گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي نوجوان کي ٻن ٻارن جو اولاد هيو جنازي نماز بعد مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 15 سنڌيار

پوليس نجم ڪالوني ۾ شاهجهان پارڪ پرسان هڪ گهر تي ڇاپو هڻي نشي آور سوپاريون زيد 21 وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ ٻن ڀائرن مهتاب ۽ الطاف پٽ ساجن پنڊ کي گرفتار ڪري ورتو، جڏهن ته گرفتار جوابدارن جا ٻه ڀائر ممتاز ۽ اعجاز پنڊ فرار ٿي ويا، ان سلسلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي انسپيڪٽر بينظير جمالي ٻڌايو ته سي آئي اي پوليس دادو ڳجهي اطلاع تي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد نجم ڪالوني ۾ ڪيل پوليس ڪاروائي دوران 60 پيڪيٽ زيد 21 جا ٻه هٿ آيا آهن. هنن دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار جوابدارن جي شاهجهان پارڪ وٽ ڪيبن به آهي ۽ اهي اڳ به ساڳي معاملي ۾ گرفتار ٿيا هئا پر ان باوجود به هو باز نه ٿا اچن گرفتار جوابدارن مٿان ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويندو

بقايا 16 سنڌيار

وزيراعظم ٿيندو. هن اهڙيون ڳالهيون سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر پ پ ليڊيز ونگ جي اڳواڻ شهناز شيخ جي رهائشگاه تي ڪيس حج جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيڻ دوران تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ايس ايم سي ميمبر عزرا جمال، شبانہ خاڪي، غزالا انجم، خادم ملڪ، شاه بيگ شيخ، بلال مغل، ايڊووڪيٽ ياسمين ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. تقريب دوران شهناز شيخ کي حج جي سعادت حاصل ڪرڻ تي گلن جا هار پارايا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ارشد مغل چيو ته سکر شهر پيپلزپارٽي جو ڳڙهه آهي. هميشه چونڊن ۾ پيپلزپارٽي ئي ڪامياب ٿيندي آهي. هن ڀيري به ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي اڪثريتي راءِ سان ڪاميابي ماڻيندي. هن چيو ته سکر ۾ پيپلزپارٽي اين اي سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي، وومين يونيورسٽي، علامه اقبال يونيورسٽي، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جهڙا وڏا پروجيڪٽ ڏنا آهن. سکر شهر جي روڊن رستن جا جلد ترقياتي ڪم ڪرايا ويندا. ان موقعي تي ملڪ جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ خاص دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 17 سنڌيار

بشير نوتڪاڻي عبدالحفيظ ميمڻ ڊاڪٽر عليوناز ٽالپر عبد الغفور چانڊيو رضا محمد شاه لالا نواز شيخ ۽ ٻين بدين پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪئي هنن چيو ته ظلم جي انتها آهي ته بدين جي ٽيل جي ٻ لک زرعي زمين ۽ انن رهندڙ لکين ماڻهن ۽ جانورن لاءِ پيئڻ جو پاڻي نه آهي ۽ ڪوٽڙي بيراج جو پاڻي روهڙي ڪئنال ۽ سکر بيراج ڏانهن موڪليو پيو وڃي ۽ قليلي ۾ پاڻي موجود آهي پر اهو پاڻي فلڊ ڪئنالن ۾ ڇڏيو پيو وڃي جتي سکر بيراج جون زمينون آباد ڪيون پيون وڃن پر بدين ضلع جي هيڊ ڪوارٽر ۽ ان جي ٽيلن ۾ پاڻي نٿوڇڏيو وڃي جنهن سبب اڪرم واه جي ٽنهي سب ڊويزن ۾ عليپور ڏاڻون ۽ مير واه جي ٽيل ۾ پاڻي جو ووڙو بحران آهي هن چيو ته پاڻي جو اشو بدين لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي جنهنڪري آباد گارن ۾ وڏي بيچيني پکڙيل آهي هنن آبپاشي کاتي کي وارا بندي ختم ڪري ٽن ڏينهن ۾ پاڻي ٽيل ڪرڻ جوچتاءُ ڏيندي چيو آهي ته ٽن ڏينهن کان پوءِ احتجاجي مظاهرن ۽ لانگ مارچن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو هنن چيو ته 5 ڏينهن اڳ آبپاشي کاتي جي اختيارين بدين پريس ڪلب جي اڳيان آبادگارن جي احتجاج دوران وارا بندي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو جنهن جي خلاف ورزي ڪندي شادي سب ڊويزن ۾ وارا بندي ڪندي پاڻي بند ڪري آبادگارن کي ٽڙيايو پيو وڃي جڏهن ته هن وقت ڪوٽڙي بئراج تي 40 هزار ڪيوسڪ ڪان وڌيڪ پاڻي موجود آهي ۽ ڏاڻون اسٽرير ۾ پڻ پاڻي ڇڏيو پيو وڃي هنن چيو ته بدين م پاڻي جي کوٽ ۽ زرعي معيشت جي تباهي جو زميوار ايم ڊي سيڊا غلام مجتبيٰ ڏامراه آهي جنهن بي رحمي ۽ ظلم جو سڀ حدون ٽپي آبادگار دشمني جا سمورا ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن جنهن کي فوري طور تي هٽايو وڃي هنن چيو ته اڪرم واه جي ٽن ڊويزنن قاضيا ڪيڻ شادي ڪانسراءَ قليلي جي ميرواه ۽ مورجهر جي ٽيلن ۾ پڻ پاڻي جو هڪڙادو بدترين بحران پيدا ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري بدين ۾ سارين جي پوکي 50 سيڪڙو به مشڪل سان ٿي سگهي آهي سوين آبادگار جولائي جي ٻي هفتي ۾ به سارين جي پوک ڪرڻ کان محروم آهن هنن سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏنو ته هو آبادگار دشمن رويو ترڪ ڪري بدين ضلع جي سمورن واهن جي ٽيلن ۾ پاڻي پهچائي آبادگارن کي سنڌن حصي جو پاڻي ڏي ٻي صورت ۾ سنڌ حڪومت جي خلاف سخت احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي هنن چيف آف آرمي اسٽاف کان مطالبو ڪيو ته بدين ضلع جي پاڻي جي چوري ۽ غلط پلاننگ ڪري آباگارن جو معاشي قتل ڪرڻ جوسخت نوٽيس وٺندي بدين جي سمورن واهن جي ٽيلن تائين پاڻي پهچائي آبادگارن مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي.

بقايا 18 سنڌيار

اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ آفيسرن کي ڪپهه جي مقرر اگهه تي خريداري کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون. ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسن ظفراج تعلقي مورو جي حدن ۾ قائم ڪپهه جي فيڪٽرين جو دورو ڪيو ۽ ڪاٽن فيڪٽري مالڪن کي نوٽيس ڏنو ته ڪپهه جي سرڪاري اگهه تي 8500 رپيا في من خريد ڪن ٻي صورت ۾ سنڌن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. واضح رهي ته ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ کي شڪايتون مليون هيون ته ڪاٽن فيڪٽري مالڪ مقرر اگهه کان گهٽ اگهه تي هارين کان ڪپهه خريد ڪري رهيا آهن. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر کي ٻڌايو ويو ته فيڪٽري اڃا شروع نه ٿيا آهن پر خريداري جاري آهي. ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر محرابپور مسعود الحسن المدينه ڪاٽن فيڪٽري جو دورو ڪيو ۽ فيڪٽري مالڪن کي مقرر اگهه تي ڪپهه خريد ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 19 سنڌيار

مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻين ۽ پوليس خلاف نعري بازي ڪئي ان موقعي تي بابر مقصود قائم خاني ڪائونسلر ريحان رضا قائمخاني چيو ته نئون ڪوٽ پوليس امن امان برقرار رکڻ لاءِ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي هر روز چورين ڦرڻ ۽ ٻين ڏوهي وارداتن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي بجاءِ ڏوهارين جي ساٿاري بڻيل آهي نئون ڪوٽ پوليس ڏوهاري ۽ ان جي سهولتڪارن ڪان منٿلي

ڊي ايڇ اوز، سيپڪو، سئي گيس سميت تمام کاتن جي آفيسرن تفصيل سان بريفنگ ڏني.

بقايا 08 سنڌيار

ڪيو ويو. هن ڊائريڪٽر جنرل پوسٽ آفيس کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته پوسٽ آفيس تي بجلي ۽ گئس جا بل ڀرڻ لاءِ ويندڙ شهرين سان بدتميزي ڪندڙ پوسٽ ماسٽرعلي رضا آرائين تي قانوني ڪاروائي ڪري ڪيس معطل ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ بدمست پوسٽ ماسٽر خلاف احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي. رابطو ڪرڻ تي پوسٽ ماسٽر علي رضا آرائين ڪال اٽينڊ نه ڪئي.

بقايا 09 سنڌيار

۽ سنڌس مٽي مائٽن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد شهيد نوجوان جو مڙهه فوجي اعزاز سان اباڻي قبرستان پير بگو شيرياداشاه ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.شهيد ايف سي اهلڪار جي تدفين بعد پنوعاقل ڪينٽ مان آيل پاڪ فوج جي جوانن پاران ڪيس سلامي ڏني وئي ٻئي پاسي شهيد ايف سي اهلڪار عبدالغفور انڊڙ جي والد عبدالرشيد انڊڙ ۽ سنڌس ڀاءُ شمن علي انڊڙ ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو وطن جي حفاظت خاطر جان جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيد عبدالغفور جي شهادت تي فخر آهي ياد رهي ته اربع ڏهاڙي بلوچستان جي علائقي سئي ۾ ڊيوٽي ڪندي دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويل عبدالغفور انڊڙ 5سال اڳ ايف سي ۾ ڀرتي ٿيو هو ۽ سنڌس شادي به ڀرتي ٿيڻ بعد ٿي هئي جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي جي اولاد آهي ,شهيد ايف سي اهلڪار جو ڏڏو سنڌس ڳوٺ سعيد علي انڊڙ ۾ رکيو ويو آهي جتي سنڌس وارثن سان تعزيت جو سلسلو پڻ هلندڙ آهي.

بقايا 10 سنڌيار

لاءِ بند ڪري ڇڏيو ڀڏايو ويو ته آئل ٽينڪر جيسڪول پيٽرولیم ڪمپني جو هو. جنهن جو نمبر ٽي ايل يو 989 آهي جيڪو ڪراچي کان سجاول وڃي رهيو هو ٽينڪر 8000 ليٽر ڊيزل ۽ 16000 ليٽر پيٽرول سان ڀريل هيو

بقايا 11 سنڌيار

رهيا، ڦورن پاران سنڌس ڳوٺ گل محمد مشوري وٽ اڳ وٺي موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي، جنهن تي استاد پاران ڦورن سان مزاحمت ڪئي، ڦورو ڪيس زخمي ڪري فرار ٿي ويا. ٻن ٿاڻن توان جتوئي ۽ فريد ديرو جي پوليس ڪاڻ ڪاروائي نه ڪئي.

بقايا 12 سنڌيار

جاءِ واردات تي تڙپندا رهيا پر ڪين ڪير اسپتال پهچائڻ وارو نه هو، جن کي وڏين ڪوشش بعد بگهان اسپتال پهچائي ڪين فرسٽ ايڊ ڏني وئي، جتي 3 زخمين يار محمد ملاح، اشرف ملاح ۽ يارو ملاح جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي، ٻر حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود بروقت جاءِ واردات تي پهچي ناهي سگهي، حملي آور هٿياربند ماڻهون هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا آهن. جن خلاف پوليس اڃان تائين ڪاب ڪاروائي ڪري ناهي سگهي، ملاح برادري سميت زخمي ماڻهن جي وارثن وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته فورن سمورن حملي آور جوابدارن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري زخمي ملاح برادري جي ماڻهن جو علاج ڪري سنڌن حياتيون بچائي ملاح برادري کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو. هوڏانهن ٿيل حملي جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو ۽ نئي آخري اطلاعن تائين ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي. جنهن ڪري علائقي ۾ خوف وارو ماحول ڇانئيل آهي.

بقايا 13 سنڌيار

ديهن ڏيه پير مصري، ڏيه بخشو ڪلوئي. ڏيه ڏ. ڏيه ٽنڊو باگو، ڏيه ڪاڏو جي هزارين ايڪڙن تي مشتمل زرعي زمينن ۾ بيٺل فصلن ۽ سوين ڳوٺن جي لاءِ خطرو بڻيل گذريل سال 2022 ۾ لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي واري واري ڪر ۾ ڊرينج بدين جي ڪامورن ۽ ٺيڪيدارين جي پاڻ ۾ ملي ڀڳت هٽڻ سبب لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي جي مد ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي ۽ لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي صرف ٽندو باگوجهڏو رود تائين ساڻو اٿيوري ڪري خانه پوري ڪئي وئي آهي ۽ جهڏو رود کان مٿي لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي نه ڪئي وئي آهي جنهن سبب ديه پير مصري ديه بخشو ڪلوئي ديه ڏ جي هزارين ايڪڙن تي مشتمل زرعي زمينن سميت ڳوٺن جن ۾ ڳوٺ محمد صالح چانيهو، ڳوٺ جمعون منگواڻو ڳوٺ مڪڻ ربياري ڳوٺ ڪرڙ چانديو ڳوٺ حاجي صيفل چانديو يوسف ڪلوئي ڳوٺ ڪوٽ ملاح سميت سوين ڳوٺن جي ٻڏڻ جو خطرو آهي لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب هر سال برسات سبب اور ٽاپ تي گهارا وجهي آبادگارن جا زرعي فصل ٻوڙي آبادگارن کي هر سال اربن روپين جو معاشي نقصان ڏيئي رهيو آهي ۽ ان کان علاوه ڳوٺ محمد صالح چانيهو، ڳوٺ جمعون منگواڻون ڳوٺ ڪوٽ ملاح، ڳوٺ مڪڻ ربياري ڳوٺ يوسف ڪلوئي سميت ٻيا پڻ ڳوٺ هن لنڪ سر نالي جي پاڻي هيٺ اچي وڃڻ تا نتيجي ۾ ڳوٺاڻن کي لڏ پلاڻ ڪرڻي پوي ٿي هن لنڪ سر نالي 16 اي ايل ۾ تعلقي تلهار جي ديه قوسٽان تعلقي ٽندي باگي جي ديهن ديه پير مصري، ديه بخشو ڪلوئي، ديه ڏ، ديه ڪاڏو ديه ٽندو باگو سميت ٽندي باگي شهر جي گندي پاڻي جو نيڪال پڻ هن لنڪ سر نالي ۾ ٿيندو رهي ٿو هن لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي گذريل 25 سالن ڪان ڪاٽي نه ٿيڻ ڪري لنڪ سر نالو مڪمل ريتجي ناڪار بنجي چڪو آهي هن تباهي مچائيندڙ سر نالي جي لاءِ هتان جي ڳوٺاڻن ۽ آبادگارن ڪيترائي دفعا ڊرينيج ڪاٽي بدين ڊويزن جي ڪامورن کي شڪايتون ڪيون آهن ۽ چونڊيل نمائندن کي درخواستون ۽ دانهون پڻ ڏنيون آهن پر ڪوبه ڪن تيل نه تڪنو ۽ لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا پرامن احتجاج ڪيا آهن پر ان احتجاجن تي نه ڊرينيج ڪاٽي جي ڪامورن ۽ نه ئي هتان جي چونڊيل نمائندن ڪو توجه ڏنو آهي ٽندو باگو شهر پرسان گذرندڙ لنڪ سر نالو 16 اي ايل 1999 جي ساموندي طوفان 2003، 2011 ۽ 2020 ۽ 2022 واري مها ٻوڏن ۾ تعلقي ٽندو باگي جي ديهن ديه پير مصري، ديه بخشو ڪلوئي ديه ڪاڏو ديه ٽندو باگو ۾ آبادگارن جا پوکيل فصل سؤ سيڪڙو تباه ڪري ڇڏيا ۽ ڪيترن مهينن تائين ڳوٺن ۾ برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب ڳوٺن جا ڳوٺاڻا دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بنيل رهيا. هن لنڪ سر نالي 61 اي ايل تباهين جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏڻ باوجود ڊرينيج ڪاٽي جا ڪامورا هن لنڪ سر نالي جي ڪاٽي ڪرائڻ جي لاءِ تيار نه آهن لنڪ سر نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي توڙي ري ماڊلنگ جي مد ۾ ايندڙ هر سال ڪروڙين روپيا ڊرينيج ڊويزن بدين جي ڪامورن ۽ ٺيڪيدارن جي ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃن سر زمين تي ڪاري وار ڪڪ آهن تعلقي ٽندي باگي جي ديهن ۽ ڳوٺن کي ڊرينيج ڪاٽي جي ڪامورن ۽ سياسي پوتارن هٿ سان تباه ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. گذريل 25 سالن کان سر نالن جي ڪاٽي جي مد ۾ ايندڙ اربين روپيا ڪرپشن ڪري ڳڙڪائيندڙ ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪري سنڌن احتساب ڪري ڪاڏل رقم واپس ڪرائي وڃي ٻي طرف تعلقي ٽندي باگي جي آبادگارن ۽ لاڙ آبادگار فورم جي اڳواڻ نصرالله جروار، نويد منگواڻو خير محمد چانديو، حسين بخش چانيهو، ڪانديرو ربياري، لکو ربياري، محمد جمن چانيهو، محمد جمن منگواڻون سجاد نيعلي چانيهو، بابو چانديو، رمضان چانديو غلام رسول چانديو، منصور جروار، ۽ ٻين روزاني سنڌ يار اخبار سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي بدين ۾ پيهانڪ تباهي مچائيندڙ 1999 جي ساموندي طوفان 2003، 2011، 2020 ۽ 2022 جي ايندڙ شديد برساتي ٻوڏن سبب هن لنڪ سر نالي 16 اي ايل تعلقي ٽندي باگي ۾ وڏي تباهي آندي آهي پر هر سال مون سون جي برسات ۾ پڻ هي لنڪ سر نالو هر سال آبادگارن جي پوکيل زرعي فصل کي شديد نقصان ڏيندو رهي ٿو پر ان سان گڏ ڳوٺ پڻ ٻوڙيندو رهي ٿو ان جي باوجود ڊرينيج ڊويزن بدين ڪاٽي جا ڪامورا هن لنڪ سر نالي جي ڪاٽي نه ٿا ڪرائين گذريل 25 سالن ڪان نه ڪاٽي نه ٿيڻ ۽ ري ماڊلنگ نه ٿيڻ سبب هن لنڪ سر نالي ۾ هڪ طرف گند ڪچرو گاه پڻ ڏيرتيڻ ۽ سر نالن جي صفائي نه ٿيڻ ڪري ريتجي سبب لنڪ سر نالو 16 اي ايل سيم ۽ برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ کان قاصر بنيل آهن جنهن ڪري هر سال هي لنڪ

بقايا 01 سنڌيار

ڪان پ ٽ الف جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سنڌي، سڪندر جتوئي، نور محمد سومرو، عورت اڳواڻ انيتا خان سميت 80 ڪان وڌيڪ استادن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهڻ خلاف ٽنڊوباگو ۾ پ ٽ الف سان تعلق رکندڙ استادن جي وڏي تعداد ذوالفقار علي رند، الطاف حسين رستماڻي، فدا حسين درس، سڪندر علي شاه، ناشاد چانڊيو ۽ عالم بليدي جي اڳواڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ذوالفقار علي رند، غلام علي خاصخيلي، وسيم ڪنيار خطاب ڪندي چيو ته سنڌ سنڌين جي حڪومت هوندي سنڌ جا استاد پنهنجي جائز مطالبن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي لٺيون کائي رهيا آهن. وزيراعلي سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته پرائمري استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 02 سنڌيار

عثمان ماڪو يونين آف جرنلسٽس سکر جو آفيس سيڪريٽري ديدار انڙ AC ماجد ماڪو غلام مصطفي مهر ڊي ايس پي شمس الدين پهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي مرحوم جي سوڳوارن ۾ ٻه پٽ فهد علي احد علي آغانعيم خان خالد وحد ماڪو ۽ ڀاءُ ڊي ايس پي غلام شبير ماڪونويد اختر ماڪو ماروت آفتاب حسن ماڪو ۽ منور عد ماڪو فهيم احمد ماڪو مير مختيار احمد ماڪوشاهد حسن ماڪو ذاهد حسين ماڪو ۽ پاڻيجو فقير فرقان ۽ صحاف اورنگزيب ماڪوتڏي تي ويٺل

بقايا 03 سنڌيار

دوران ڳوٺاڻن ڪان روڊ ۾ استعمال ٿيندڙ ميٽيريل بابت پڻ تفصيل ورتا جنهن تي ڳوٺاڻن روڊ ۾ استعمال ٿيندڙ ميٽيريل تي اطمنان جو اظهار ڪيو هن چيو ته محفوظ ۽ آرامده سفري سهولتن لاءِ بهترين روڊ نهڻ گهرجن عوامي مفادن وارا سمورا ڪم وقت سر مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪن. ڪورواه ڪان ميرپوربٺورو روڊ تي نهندڙ پلن جو پڻ معائنو ڪيو هن وڌيڪ چيو ته عوامي خدمت صوبائي محتسب اعلي جي بهرين ترجيح آهي.

بقايا 04 سنڌيار

سجل ٿاڻي جي حد ۾ فروٽ وڪرو ڪندڙ ٻن سنڌي نوجوانن تي غير قانوني رهندڙ ايراني پناه گير چاقن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمين کي عباسي شهيد اسپتال داخل ڪيو ويو واقعي بعد وڏي تعداد ۾ فروٽ وڪرو ڪندڙ پورهيتن پاران ايراني پناه گيرن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري وزيراعلي سنڌ ـ آءِ جي سنڌ ايڊيشنل آءِ ڪراچي ۽ وس وارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته اسان مٿان اهڙا حملا ٻهرين به ڪيا ويا آهن پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود به ڪو عمل نه ٿو ٿئي سنڌس حملا آورن کي فورن گرفتار ڪري سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسان مزدورن کي هڪ حلال جو پورهيو ڪري گهر جو گذر سفر ڪرڻ ڏنو وڃي

بقايا 05 سنڌيار

رنجشون ختم ڪري ناه ڪري ورتو خبر موجب ڪنڌڪوٽ جي ڳوٺ سردار خان بروهي ۾ ڪجهه ڏينهن پهريان بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جو فيصلو سنڌ بروهي اتحاد حيدرآباد ڊويزن جي صدر محمد رمضان بروهي جي سرپرستي ۾ فيصلو ٿي گذريو ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ فتوا بعد ٻنهي ڌرين جو ناه ڪرايو ويو ٻنهي ڌرين فيصلو قبول ڪندي ناه ڪري هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندي سڀ رنجشون ختم ڪري ڇڏيو ان موقعي فيصلي ۾ حيدرآباد ڊويزن نائب صدر عمران احمد بروهي حيدرآباد سنئير ميمبر حاجي قادر بخش بروهي ضلع حيدرآباد صدر علي اڪبر بروهي نائب صدر نصير احمد بروهي حاجي شوڪت بروهي ڊاڪٽر اشرف بروهي يونين ڪائونسل چيئرمين منور حسين بروهي ظفر بروهي سنئير صحافي مظفر علي بروهي رياض بروهي عطا محمد بروهي سميت سوين بروهي برادري جي معززين سنڌ بروهي جي اڳواڻ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 06 سنڌيار

ڊپٽي ڪمشنر مجيب الرحمان جمالي چيو ته سمورن مڪتب فڪر جي عالمن ۽ اڳواڻن کي گهرجي ته هو محرم الحرام ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ گهرو کاتي جي ضابطہ اخلاق تي عمل درآمد کي يقيني بنائي مذهبي هم آهنگي کي يقيني بڻائي مجلسن جلوسن جي رقت ۽ روٽ جي پابندي ڪن ڪنهن به قسم جو نفرت پکيڙيندڙ مواد ڇڏ ڏيارينڊڙ تقريرن آڊيو ريڊيو وچائڻ مذهبي پوسٽ رکڻ ڪمينٽس ڪرڻ کان اجتناب ڪيو وڃي هن صحت کاتي جي اختيارين کي هدايت ڪئي ته هو ميڊيڪل ڪيمپن ايمبولينس سروس ڊاڪٽرن گهربل دوائن جي موجودگي کي يقيني بنائيڻ هن مجلسن جي منتظمين کي هدايت ڪئي ته هو ٻاهران ايندڙ علمائن ذاڪرين جا نالا اڳواٽ انتظاميا کي ڏين ان موقعي تي اي ايس پي ماجدا پروين هاليپوٽو چيو ته امن امان خراب ڪرڻ جي ڪنهن کي اجازت نه ڏني ويندي هن عالمن تي زور ڀريو ته هو زميوار شهري آهن ان ڪري شريسند عناصرن تي نظر رکن ۽ انهن بابت معلومات انتظاميا سان شيئر ڪن هن چيو ته محرم الحرام جي دوران سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن بدين پوليس ان سلسلي ۾ هر قسم جي سهڪار کي جاري رکندي

بقايا 07 سنڌيار

ڊي آءِ جي جاويد احمد جسڪاڻي، رينجرز جي ميجر خبيب، سکر، خيرپور، گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز، ايس ايس پيز، ڊي ايڇ اوز، ايگزيڪيٽو انجنيئر سيپڪو، سئي گيس انجنيئر، شيعه، سني علماءِ ڪرام، اڳواڻ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ محرم الحرام دوران سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور ۾ محرم ڪنٽرول روم قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفى ڦل پوليس، رينجرز، صحت، سيپڪو، ميونسپل، سول ڊفينس جي آفيسرن کي هدايت ڏيندي چيو ته محرم الحرام جي ٻهريان لاڳاپيل انتظام مڪمل ڪيا وڃن. مجلسن ۽ جلوسن ۾ شرڪت ڪندڙن جي تلاشي ورتي وڃي ۽ خانگي ليڊيز رضاڪار مقرر ڪيون وڃن. ڪمشنر سکر ڊويزن ميڊيڪل ڪيمپس، ايمبولينسون، بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي فعال رکڻ لاءِ هدايت ڪئي ته ڪانٽي جنسي پلان مطابق روزاني جي بنياد تي رپورٽ فراهم ڪئي وڃي. هن شيعه سني علماءِ اڪرام کي اپيل ڪئي ته محرم الحرام تقدس وارو مهينو آهي حڪومت طرفان جاري ايس او پيز تي سختي سان عمل درآمد ڪرائڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن. ڪمشنر سکر ڊويزن چيو ته سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور جي سمورن انتظامن بابت ڊي آءِ جي سکر، پاڪ رينجرز ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان گڏجي تفصيلي دورو ڪيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن اسڪائوٽس، رضاڪار تنظيم، مقرر ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف، ايمبولينس جي تفصيلي لسٽون ڪمشنر آفيس ۽ لاڳاپيل ڊي سي آفيسن کي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪندي ڪانٽي جنسي پلان تي سختي سان عمل درآمد تي زور ڀريو. ڪمشنر سکر ڊويزن بجلي ۽ گيس جي فراهمي، صفائي ستراڻي، روڊ رستن جي مرمت، جلوسن جي روٽس تي اسٽريٽ لائٽ بحال رکڻ بابت انتظام مڪمل ڪري رپورٽ ڊپٽي ڪمشنرن ذريعي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ڊي آءِ جي سکر چيو ته مجلسن، جلوسن ۽ امام بارگاهن جا منتظمين رواداري جو ثبوت ڏيندي پوليس ۽ رينجرز سان گڏ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان سهڪار ڪن. ڊي آءِ جي سکر ٻڌايو ته ٽنهي ضلعن ۾ امام بارگاهن محرم جا جلوس ۽ مجلسن ۾ هر سطح تي نظر رکندي پلان مطابق عمل ڪرائڻ پوندو ته جيئن امن امان سان محرم گذري. رينجرز جي ميجر خبيب اجلاس ۾ چيو ته سمورن ڪاتن جي گڏيل طور رٿا بندي تحت ڪم ڪرڻ ٻهرين ترجيح هوندي محرم الحرام دوران داخلي ۽ خارجي رستن جي سخت چيڪنگ ڪئي ويندي ۽ محرم دوران ضابطہ اخلاق تي پابندي ڪرڻي پوندي. هن چيو ته سوشل ميڊيا تي دل آزاري ڪرڻ جي هرگز اجازت نه هوندي اهڙي عمل ۾ ملوث ماڻهن خلاف سرڪاري توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا فوري ايڪشن ڪندا. هن مذهبي اڳواڻن سان اپيل ڪئي ته هو قانون هٿ ۾ کڻڻ کان پاسو ڪندي لاڳاپيل ادارن کي اطلاع ڏين ته جيئن اثرائتي ڪاروائي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ سکر، گهوٽڪي ۽ خيرپور جي ڊپٽي ڪمشنرن، ميونسپل ڪمشنر،